

شاعري
آلا نيڻ آڪاش جا
وسيم آڪاش سيتائي
آلا نيڻ آڪاش جا
وسيم آڪاش سيتائي
ڪنول پبليڪيشن قنبر
167

# آلا نيڻ آڪاش جا

## (شاعري)

## وسيم آڪاش سيتائي

ڪنول پبليڪيشن قنبر

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**BOOK NO: (167)**

- Aala nean Aakas ja
(Poetry)
•Waseem Akhas setie
FIRST EDITION 2016
*With All Rights Reserved*
© **KANWAL**
Publication Kamber

- **آلا نيڻ آڪاش جا**
(**شاعري**)
- **وسيم ”آڪاش“ سيتائي**

**ڇاپو پهريون:مارچ** 2016ع
**ڪمپوزنگ@ٽائيٽل:** ڪنول گروپ
**ڪنول**
**پبليڪيشن قنبر**

مُلهه: **200 روپيا**

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

- پٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد. - فڪشن هائوس، حيدرآباد -
ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد
سمبارا پبليڪيشن هائوس، سيد آرڪيڊ، حيدرآباد
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو-
وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر-
تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس — الفقراء ڪتاب گهر، سانگهڙ
الفتح نيوز ايجنسي، سکر ــ سراج بڪ اسٽور، قنبر

# ارپنا

منهنجي وجود سان وابسته
منهنجن پنهنجن،
ڏاڏو **محمد صديق ميمڻ،**
ڏاڏي **حاڪم زادي،**
چاچا **گل محمد ميمڻ،**
بابا سائين **ممتاز علي ميمڻ،**
پُڦي **حميده ميمڻ،**
چاچا **فضل محمد ميمڻ،**
چاچا **الطاف حسين ميمڻ،**
چاچا **آفتاب احمد ميمڻ،**
ءِ **ماما بخشل ميمڻ**
جي نانءِ.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(167)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”آلا نيڻ آڪاش جا“** نئين ٽهي جي خوبصورت شاعر **وسيم آڪاش سيتائيءَ** جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو آهي. ان کان اڳ سندس شاعريءَ جي پهرين مجموعي ’’هوائن ڇير ڇمڪائي‘‘ جي ادبي حلقن ۾ خوبصورت پذيرائي ٿي.

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن قنبر** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون وسيم آڪاش جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني. ٿورا سعيد سومري جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي.

اوهان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

# سٽاءُ

اداري پاران: سعيد سومرو
مهاڳ : چيت آڪاش ڪي لڳي دل ۾ بشير سيتائي
تاثر: املي ڊڪنسن جي اُميدن جهڙو شاعر خليق ٻگهيو
تاثر: احساسن جا وهڪرا جميل سومرو
پنهنجي پاران: هي منهنجو ٻيو جنم آهي وسيم آڪاش سيتائي

## شاعري

❊ غلام مصطفيٰ گهائل/ربنواز سولنگي

- زندگي پنهنجي فنا ڪير ڪري (غزل)
- مون ڪان پري نہ ٿيءِ، حياتي آ ٻي بقا (غزل)
- هٿَ مقدرڪتي ڇڏيا آهن (غزل)
- ٻاڪ جئنءِ رات ڦُٽي نڪتي (غزل)
- روشنيءَ جو بدن (نظم)
- جاڳي اُماس دُک جي جيون جي هنج ۾ (غزل)
- زندگي زوال جي بستي (غزل)
- چڙ تکي تلوارتان گذران پيو (غزل)
- ولوڙجي پيو دم (گيت)
- گُهٽَ جو گهر تي ڪڙو آهي چڙهيل (غزل)
- نڙيءَ وانگر سُري ٿو من (غزل)
- حسرتن جو چُڳو (وائي)
- ماٺ (نظم)
- چانڊوڪيءَ جي رات هجي ۽ يارُ هجي (غزل)
- سڪ لڳي آ گهٽي (گيت)
- زندگي تلخُ حقيقت آهي (غزل)
- ڪنهن ڪئينءَ بہ ڪئي ... (غزل)
- ٻي ڏيان هُئا بدحال هُئا (غزل)
- خيالن ۾ گُم سُم (گيت)

- وقت تي اعتبار ناهي پرين (غزل)
- جلندي جلندي دير سوير (گيت)
- ماڻهو ماڻهوءَ کي ماڻُ ٿو گهُرجي (غزل)
- دردَ جا پٽر (نظم)
- وقت سان گڏ ورڻ سِڪون ٿا پيا (غزل)
- زندگي زندان آهي (غزل)
- درد کي ڳوهي وٺان (غزل)
- يار اچ جي پيار تي ، پيار جي اظهار تي (وائي)
- ڪونهي ڪو غمگسار موتي آ (غزل)
- پنجڪڙا
- تلخُ ٿورو مزاج آ منهنجو (غزل)
- ترائيل
- پيار پيڙائن جي ماري (غزل)
- تاريخ (نثري نظم)
- مقدر جون اکيون (نثري نظم)
- سِرَ سان نہ سلڻ واريون ..... (غزل)
- صدين جا اوجاڳا آهن اکڙين ۾ (غزل)
- روز جيئي ۽ مري ٿو ڪوئي (غزل)
- "ايتري بي واجبي چو ٿا ڪيو" (غزل)
- تاريخ جون سُرخ اکيون (نثري نظم)
- الفتن جو امام آهيان مان (غزل)
- احساسن جا ڪنڊڙيل موتي .... (گيت)
- نفاست ۽ نزاڪت کي نہ تو سمجهو (غزل)
- مفلسيءَ جو بدن رهيو گهائل (غزل)
- ٽيڙو
- نيڻ چڻ ڪا ندي خواب نيرڳ هئا (غزل)
- ڪنهن قضا جي وقت کان ٿورو اڳي (غزل)
- احساس ڪمتري (نثري نظم)
- سندر سپنن جا ، چوري جوڀن جا، (وائي)
- غلامي (نثري نظم)
- ڪا ندي يا سُڪار آهيان مان (غزل)
- تنهنجو پاڪر هيو صرف سنسار ۾ (غزل)

- ڏيڍ ستا
- هر لهر رقصان چانڊنيءَ ۾ (غزل)
- واپسي (نثري نظم)
- مفلسي (نثري نظم)
- اضطرابن جي انتها آهي (غزل)
- خود خُوديءَ ۾ خدا ڪٿان آڻيان (غزل)
- ڪوئي اجڙي ويل چمن آهيان (غزل)
- مذهب (نثري نظم)
- پورَ اُسري ويا (غزل)
- ڪنوڻيون ڪجيون رات ، برسي پئي برسات (وائي)
- خيال ۾ خيال آ (غزل)
- مايا (نثري نظم)
- نا اُميديءَ جون وسعتون لتجن (غزل)
- هڪڙو ماڻهو موتيءَ داڻو (غزل)
- دهشت جو ڏهڪاءُ ، ڌرتيءَ سان انياءُ (وائي)
- دشمن جو هر داءُ وسيم (غزل)
- زندگيءَ جو ٽيون حصو سچ (نثري نظم)
- حالتن ڪان فرار ٿي ڏسجي (غزل)
- پڇتاءَ جي دز (نثري نظم)
- دوستَ ئي راهَ ۾ رکي پٿرَ (غزل)
- ظلم جي آڪاس کي ڪاڏي ڪيان (غزل)
- عقيدت ۾ مزو ناهي (غزل)
- ٽيڙو
- جنت جي جستجو (نثري نظم)
- سورَ پنهنجا سليون رات پر (غزل)
- يادگيرين جو ماسُ ڪوريان ٿو (غزل)
- سونهنَ سان سرشار منهنجي شاعري (غزل)
- ماڻهو ماڻهن جهڙا ڪوڙ (غزل)
- ڪا نہ رهي محفوظ آ ڪنهنجي لڄ لوئي بيت
- جيون ۾ اُداسين جا انبار ڪٿان آيا (غزل)
- اڪڙين کي اوجاڳن سان هموار ... (غزل)
- ڇا تون ڄاڻين ٿو، تنهائي ڇاهي (وائي)

- فطرتي حُسن جي اطاعت آ (غزل)
- ترائيل
- پنهنجا چني چڏيا هن (غزل)
- غلامي جي بوءِ (نثري نظم)
- ٿيو بحث علم عاقل سان ڳپل هُيو (غزل)
- هُن پار زندگيءَ جي اُڪري وڃان متان مان (غزل)
- پورن ۾ آ پاهُ ساڻو ساڻو ساهُ (وائي)
- ڪا هيرَ هُئي جهرمر (غزل)
- آزاد فضا ناهي. (غزل)
- دل جي هر ڌڙڪن پياسو آ تن من (وائي)
- درد پي خود هُئي طبيب هُئي (غزل)
- سُڏڪن جا پڙڏا (نثري نظم)
- ڪٽڻ سان ئي ڪِري عينڪ (غزل)
- درد جو در ڏئي چڏيو آهي (غزل)
- سچ (نثري نظم)
- منهنجي تدفينَ تي هليا ويا هو (غزل)
- نہ جنهن ۾ تازگي آهي (غزل)
- برسات جي مند (نثري نظم)
- حيات جي تلاش ۾ خوديءَ کان لاپتا هُيس (غزل)
- دل لڳي وسري وئي آ (غزل)
- آسمان (نثري نظم)
- اڪيون (نثري نظم)
- هڪ نظر ۾ وٺي ويو ڪوئي (غزل)
- چوستا
- مون کي توسان جي پيار تي ويندو (غزل)
- انتها پسندي (نثري نظم)
- ساهن ۾ سڏڪن جا پاچا (غزل)
- دلبريءَ جي دانهنَ مان ڪنهن کي ڏيان (غزل)
- گُلَ چوٽيءَ ۾ هٽي چيلهہ تي گهاگهر ڪٽي (وائي)
- تنها ڪري وئين چو (غزل)
- پل جو مهمان تي پيو آهيان (غزل)
- گهري ساگر ۾ ،تنهنجي پاڪر ۾ (وائي)

## آلا نيڻ آڪاش جا : وسيم آڪاش سيتائي

- ٿُتا جئينءَ تياڳ جا سپنا (غزل)
- ترائيل
- پنجڪڙا
- بشير سيتائي جي نالي (نثري نظم)
- پريُن پيارن لاءِ، ڌرتيءَ وارن لاءِ (وائي)

## اداري پاران:

**وسيم آڪاش سيتائي**، نئين ٽهيءَ جي شاعرن ۾ ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ناهي رهيو. سندس پهريون مجموعو "**هوائن چير چمڪائي**" جي ادبي حلقن ۾ خوبصورت پذيرائي ڪان پوءِ سندس پيو ڪتاب "آلا نيڻ آڪاش جا" پڻ اُن ئي تسلسل جي سڳنڌ سان ٽپتار آهي.

وسيم آڪاش نئين عهد جي آواز ڪي پنهنجي فن ۽ فڪر جي سجاوٽ سان هڪ اهڙي دلفريب انداز ڏيڻ لاءِ وڪون سهيڙي پيو، جيڪو انداز نئين وقت جي هر روح ڪي پنهنجو محسوس ٿيئي. هُن وٽ نہ رڳو خيال ڪي نواڻ سان پيش ڪرڻ جو ساهس آهي پر فني تجربن ۾ نمايان اڳيرائپ جو جوهر بہ آهي. جنهن سبب چئي سگهجي پيو تہ هُو شاعريءَ ڏانهن هڪ ذميوار شاعر جي اک رکندي نہ صرف شعري جهانَ لاءِ پر ايندڙ ٽهيءَ جي تاريخ لاءِ پڻ فخر جوڳو نانءُ رهندو.

سندس هن نئين ڪتاب ۾ ڪيترين ئي صنفون شامل آهن، جيڪي پڻ سندس فني پهچ جو معراج آهي، پر سندس غزل ۾ جيڪا خيال جي جدت آهي، اُها سندس غزل ڪي اڳيان ڪٽي هلي ٿي. منجهس پراڻن احساسن ڪي بہ نئين ڍنگ سان لفظي پينٽ ڪرڻ جو گُر آهي. جنهن سبب هُو نئين ٽهيءَ ۾ نشانبر ڪويسر سڏجي پيو.

سوشل ميڊيا ڪان وٺي ادبي پروگرامن تائين ذاتي شرڪت، سندس روح جي علمي ۽ عملي ڪرت جي خوبصورت نشاندهي آهي. هن نفسانفسي جي نامهربان زماني ۾، جتي "ٽورو" بہ "گهٽو ڪجهہ" سڏجي پيو، وسيم آڪاش جي شخصيت جا اِهي روپ سروپ ۽ شاعريءَ ڏانهن عاشقيءَ واري سچائي، سندس ادبي سفر ڪي آسان ڪندي، ڪيس اڳتي وٺي وڃي پيئي. ضرور ، اِهو سفر مسلسل جاکوڙ جو طالب آهي. جنهن جستجو جي 'آڪاش' مان وڏي اميد برقرار آهي.

**سعيد سومرو**
ڪنول پبليڪيشن قنبر
Cell: 0333_7523132
Saeedsoomro4@yahoo.com

مُهاڳ

# ڇيت آڪاش کي لڳي دل ۾

رابرٽ فراسٽ (1874ـ1963ع) چيو هو، ”ڪهاڻي لکڻ وقت جيڪڏهن ليکڪ جي اکين ۾ ڳوڙها نہ آهن تہ پڙهڻ واري جي اکين ۾ بہ ڪو نہ هوندا“. اها ساڳي ڳالھ نہ رڳو ڪهاڻيڪار سان بلڪہ هڪ شاعر سان بہ لاڳو آهي، جيڪڏهن ڪنهن شاعر اکين ۾ آب آڻي سٽون نہ سرجيون آهن تہ پوءِ هُو پڙهندڙ جي بہ اکين ۾ ڳوڙها نہ آڻي سگهندو.

شاعر زندگيءَ جا سمورا ڏُک درد پوڄي ٿو، هڪ عام انسان وانگر هو بہ ان ئي معاشري جو فرد آهي، جيڪو انسان سوز ۾ اذيت ناڪ آهي، ان ڪري لازمن هُو هڪ درد ۾ ڪرب جي ڪيفيت مان گذري ٿو، پنهنجو مُشاهدو ۾ تجربو بيان ڪري ٿو، زماني جي سفاڪين کي سامهون آڻي ٿو، لکڻ وقت بہ هُن جي حساس دل خون جا ڳوڙها ڳاڙي ٿي، هُن کي جو زماني ڏنو آهي، اُهو ئي لفظن جي روپ ۾ موٽائي ٿو، ان ڳالھ کي ساحر لڌيانوي هن سٽن ۾ سميٽيو آهي،

**دنيا نے تجربات و حوادث کي شکل ميں،**
**جو کچھ مجھ ديا ہے وہ لوٹا رہا ہوں ميں۔**

اها ساڳي ڳالھ هڪ فارسي شاعر بہ ساڳي انداز سان بيان ڪئي آهي،

ازبرون لب ندانم چہ شود، ليک آگهم،
کزتھہ دل تالبم افسانہ درخون مي رود.

جنهنجو مطلب اهو آهي تہ **”جو بہ سخن منهنجي چپڙن کان ٻاهر اچي ٿو، ان لاءِ نہ ٿو ڄاڻان تہ ڇاهي، فقط ايتري خبر پوي ٿي تہ دِل جي عميق گهرائين مان منهنجي چپڙن تائين جيڪا ماجرا اچي ٿي، سا منهنجو ڪليجو چيري رت سان رڱجي ٻاهر نڪري ٿي.“**

شاعر شعر چوڻ وقت جنهن پيڙا مان گذري ٿو، ان ڪيفيت کي مٿئين شعر بلڪل چٽو ۽ واضح ڪري بيهاريو آهي، شاعر معاشري جي عام ماڻهو کان وڌيڪ حساس فرد آهي، ان جي حساسيت ئي ان جي پوڇڻا جو سبب آهي تہ هُو پنهنجي ڏُک درد سان گڏ پراوا ڏُک درد بہ پوکي ٿو، پراوا ڳوڙها بہ پنهنجي ڳلي تي ڪٽي ٿو، شاعر جي ذهن ۾ جيسين تجربن ۽ مشاهدن جا طوفان نہ ٿا اُپرن جيسين پورن ۽ پيڙائن، غمن ۽ گوندرن جون آنڌيون نہ ٿيون گُهلن، تيسين هُو درد ناڪ ۽ دلين کي جهوريندڙ گيت، غزل جوڙي نہ ٿو سگهي، بقول شيخ اياز جي تہ،

**جنهن وقت گَهٽا ڪا گرجي ٿي،**
**ان وقت ئي موتي سپجن ٿا.**

شاعر حالتن کان متاثر ٿي سوچن جا صليب ڪٽي مفهوم ۽ فحزون بڻجي تڙپي تڙپي پنهنجي اندر جي ڳالهہ ڳوڙهن جي چانءِ ۾ ڪري ٿو، تڏهن تہ ان جي لفظن ۾ جان پوي ٿي ۽ متاثر ڪندڙ هجن ٿا،
وسيم آڪاش پاڻ بہ چوي ٿو تہ،

**گيت سرجن ٿا رت ولوڙڻ سان،**
**شاعريءَ لئہ گيان ٿو گُهرجي.**

شاعر کان جيڪڏهن سموريون شيون کَسي، کيس هر ڳالهہ کان محروم، بيوس، بيڪس ۽ لاچار ڪيو وڃي تہ هڪ شيءِ هُن وٽ باقي رهجي وڃي ٿي، اُها آهي ”آئينو“ جيڪو عام آئيني کان بنهہ عجيب ۽ مختلف آهي، ان آئيني ۾ موجوده معاشري جا سمورا جهول، اوگڻ، اوڻائيون، بدصورتيون ۽ بي اعتداليون هجن ٿيون، آئيني ۾ اُهو نظر ايندڙ معاشرو، ڪيترو انسان سوز، اذيت ناڪ، پورهيت دشمن هجي ٿو، ۽ عام انسانن جي حقن جو غاصب آهي، سڄو سارو بي نقاب ٿي سامهون بيهي ٿو، ان معاشري ۾ ڪيتري وحشت ۽ بربريت آهي، ان معاشري کي قائم رکندڙ قوتون ڪيتريون بي رحم ۽ بي درد آهن، انسانذات جي ڏُکن دردن پيڙائن ۾ اضافو آڻڻ ۾ ڪيتريون اڳ کان اڳيريون بڻيون بيٺيون آهن، سو سڀ چٽي طرح نظر اچي ٿو.

وسيم آڪاش سيتائي وٽ ﭘـ اهو آئينو آهي جنهن ۾ سماج جو سڄو سارو بدنما چهرو ظاهر نظر اچي ٿو، هو ڪيترو سفاڪين سان ڀريل آهي، وسيم آڪاش وٽ جو تخليقي ” آئينو“ آهي، ان ۾ اسان جي معاشري جو هڪ زاويو تہ متئين نظم ۾ جيڪو هُن ”روشنيءَ جو بدن“ جي عنوان سان لکيو آهي، اچي ٿو وڃي، پر سندس آئيني ۾ اهڙا ڪوڙ سارا زاويا ۽ اولڙا آهن، هن پنهنجي آس پاس جي حالتن کي تمام ويجهو ٿي وڃي ڏٺو آهي، معاشري جا سمورا ڀيانڪ ۽ ٻيڇڙا روپ هن پنهنجي تخليقي آئيني ۾ عڪس بند ڪيا آهن، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ هُن شاعري کي فقط قافيہ رديف جي راند ناهي سمجهيو، مگر هڪ حقيقت پسند ٿي پنهنجي اندر جي سموري محسوسات کي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي، هي ﭘـ هُن جي جذبي، جاڪوڙ، ڪاوڙ، ڪروڌ ۽ ذهني ولوڙ جي ترجماني ڪندڙ سٽون آهن، جيڪي پڙهندڙن کي سمجهڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون. غزلن مان چند سٽون:

**چڻ پيو قتل گاهَ ۾ گهاريان،**
امن جو ڪو نشان ٿو گُهرجي.
پيار انسانيت سان آ ﭘنهنجو،
ڪو وڏيرو نہ خان ٿو گُهرجي.

چاهتن جا گُلابَ بستيءَ مان،
وقتَ پاڙئون پٽي ڇڏيا آهن.
بيوسين حوصلا حياتيءَ جا،
باز وانگر جهٽي ڇڏيا آهن.

نہ جنهن ۾ تازگي آهي،
اُها ڇا زندگي آهي.
ٿنگي سڀ ٿياس تي جذبا،
ڪٿي مون خودڪشي آهي.

گُهٽ جو گهر تي ڪڙو آهي چڙهيل،
موت جو ٿر تي ڪڙو آهي چڙهيل.

ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي پڙلاءَ جو،
امن جي تر تي ڪڙو آهي چڙهيل.

_

چچري ويو تمدن جو وجود ڪو،
تهذيب جو ٻه سِر، ڌڙ کان لڻل هُيو.
چاچا عذاب پوڳي پونءِ ٿي پئي،
چالاڪ سنڌڙيءَ جو تر تل هُيو.

_

لفظ ٽڙيِن ٿا سوچ جي رڻ ۾،
شاعريءَ جو بدن رهيو گهائل.
ٿياس تي هون ٽنگيل تمنائون،
زندگيءَ جو بدن رهيو گهائل.
چيت آڪاش ڪي لڳي دل ۾،
عاشقيءَ جو بدن رهيو گهائل.

_

وسيم آڪاش سيتائي طبعن حساس ۽ انسان دوست آهي، ان ڪري اُن جي شاعري مختلف شعري حالتن ۽ صنفن ۾ اندروني احساسن، زماني جي تلخين ۽ ڏکن جي ترجمان آهي، سندس انداز بيان ٻه خوبصورت، نرالو، منفرد، پرسوز ۽ دلنشين آهي، وتس ڳالهه ڪرڻ جو ڍنگ آهي، سندس ڪاوڙ ۽ ڪروڌ وارا خيال ٻه ڌرتيءَ سان سچي محبت واري جذبي ۽ رنگ ۾ رنگيل آهن، وسيم آڪاش پنهنجي شاعريءَ ۾ خوبصورت تشبيهن ۽ ترڪيبن کان ٻه ڪم ورتو آهي، جئين بحرمخفف_ خفيف ( فاعلاتن مفاعلن فعلن ) ۾ چيل غزلن جون هي معنيٰ خيز سٽون؛

**دوست ئي راهَ ۾ رکي پٿر،**
**تهمتن جا هڻي ويا نشتر.**

_

**منهنجي تدفين تي، هليا وِيا هو،**
**قل پڙهي، گُل رکي. هليا وِيا هو.**

_

چو نصيبن جي ريگذارن ۾،
پنهنجي رولاڪين کي روليان ٿو.

ـ

زندگاني خزان جي موسم آ،
عمر سان گڏ چڻي ويو ڪوئي.

ـ

پنهنجي وجداني ڪيفيت اندر،
مون خدا کي ڏسي چڏيو آهي.

ـ

شاعريءَ جي نفيس چولي تي،
يرت فڪري يرڻ سِڪون تا پيا.

ـ

ماڻهپي کي کُهي ويا ماڻهو،
شهر ويران تي پيوآهيان.

”تهمتن جا نشتر“، ”نصيبن جا ريگذار“، ”عمر سان گڏ چڻڻ“، ”شاعريءَ جو نفيس چولو“، ”فڪري پرت پرڻ“، ”ماڻهپي کي کهڻ“ جهڙا تشبيهي ۽ ترڪيبي اجزا هن جي شاعريءَ ۾ هر هنڌ پکڙيل آهن،

سيتاروڌ جي هن سهڻي، سيبتي، شانائتي، مانائتي شاعر جو ڪلاڪيتر ۾ پنهنجي پهرين پورهئي ”هوائن چير چمڪائي“ کان پوءِ پيو پورهيو ”آلا نيڻ آڪاش جا“ نهايت ئي نيڪ فال ۽ سپاويڪ آهي.

شاعر جو ايترو تيزيءَ سان لکڻ سان پنهنجو پاڻ تي اڻ سُهائيندڙ اثر ضرور پوندو آهي، ۽ ساڳي وقت هو غير معياري ۽ عاميانہ شاعري جو شڪار ٿيندو ويندو آهي، پر مون کي ائين نہ ٿو لڳي تہ ڪٿي وسيم آڪاش جي شاعري ڏَڪي آهي يا مُڏي ٿي آهي، سندس هي مجموعو بہ معياري تخليق جو ئي غماز آهي.

لازمن سندس آس پاس جا شاعر وسيم تي رشڪ ڪائيندا تہ هو ادب ۾ ايتريون تيز پرانگهون ڪئين ۽ چو ٿو پائي، پر اهو سڀ وسيم جي پنهنجي محنت، مشق آزمائي، فهم ۽ ادراڪ تي ٻڌل آهي، جنهن تي اُنهن کي ايترو سوچڻ

نہ ڪپي، وسيم آڪاش جي شاعري شعريت، غزليت، معنويت سان گڏ موسيقيت جي مئاس سان همڪنار آهي، عين ممڪن آهي تہ هو پنهنجي ڏات ۾ ڏانءَ سان پنهنجي انفراديت ضرور اُجاگر ڪري وٺندو، ڇو تہ هُن ۾ پنهنجي ڏات ۾ ڏانءَ سان گڏ عصري تقاضائن ۾ زميني حقيقتن ڪي سمجهڻ جو ڀرپور شعور آهي، سندس بي چين ڪيفيت ۾ سيمابي طبيعت، عاشقانہ انداز فڪر واري صلاحيت ڪيس گهڻو ڪجهہ ڪرڻ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهيندي ۾ اُڀاريندي رهي ٿي.

**عشق تعمير ٿو شعور ڪري،**
**عشق رهبر ۾ رهنما آهي.**
**اڻ ڳڻين آزمائشن جي حد،**
**وقت جيڏي اجا ڊگهي آهي.**

فصيح ۾ سليس زبان، عاشقانہ سوز و گداز ۾ جذبي جي شدت هن ڪي پنهنجي معاصر شاعرن ۾ منفرد مقام ڏيڻ جي ضامن آهي، لفظن جي شيريني، خوبصورتي، فڪري بيباڪي ڪيس مانوارو مقام بخشي رهي آهي، وسيم پاڻ ڪي قابل، مهربان، مانائتن ۾ صاحب طرز شاعرن جي درميان رکي وٺائڻ هميشہ پرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان ڪان علاوه هو پنهنجن همعصر دوست شاعرن جيڪي پڻ نئين فڪر ۾ اسلوب سان واڳيل آهن، جي محفلن جو روح روان آهي، جن جي صحبت سندس قلم ۾ ڪلا ڪي متحرڪ رکندي پئي اچي.

فن ۾ فڪر جا ڇيڙا ملائيندڙ هي باذوق ۾ بافهم شاعر پامردي سان تخليقي سفر طئہ ڪري رهيو آهي، شاعريءَ جي نون روايتن جو بغور مطالعو ڪندڙ ۾ حالتن جو گهرو مشاهدو ڪندڙ پنهنجي هن ڳوٺائي شاعر سان منهنجون ڪي ئي اُميدون ۾ نيڪ خواهشون وابستہ آهن. ”سيتا“ جي مٽيءَ جو خمير هونءَ بہ عالماڻو ۾ شاعراڻو آهي، ان ڪري وسيم آڪاش سيتائي هڪ ڏينهن ضرور سنڌي شاعريءَ جو آڪاش ٿي ڏيکاريندو.

**بشير سيتائي**
**15.06.2015**

تاثر:

# املي ڊڪنسن جي اُميدن جهڙو شاعر

خوبصورت شاعريءَ جي هڪ خاصيت هيءَ بہ هوندي آهي تہ اُها مختصر لفظن ۾ دُرست ٻوليءَ ۾ هوندي آهي، خوبصورت شاعريءَ جو هيءُ ماهيتي ۾ آفادي پهلو آهي تہ اُها پڙهندڙ کي رَواجي سطحي خيالن مان ڇوٽڪارو ڏيندي آهي ۽ پڙهندڙ کي روشن حقيقتنilluminining realities ڏانهن وَٺي ايندي آهي، خوبصورت شاعريءَ جو رازُ William blake جي شاعريءَ مان ڳولي سگھجي ٿو، هُن جي ٻولي نہ صرف مختصر ۽ دُرست آهي، پر هُو مختصر لفظن جي چونڊ ۾ پڙهندڙ کي پنهنجي وين وسيلي سطحي خيالن مان آزادي بخشي، عظمت ڀَري تخيل ڏانهن وٺي اچي ٿو، هُو واريءَ جي ذرن جي مختصر ڪمپوزنگ مان دائمي فڪر جي دعوت ڏئي ٿو:

To see a world in a grain of sand,  
And a heaven in a wild flower,  
Hold infnity in the palm of your hand,  
And eternity in an hour. (William blake)

وسيم آڪاش سيتائي بہ هڪ اهڙو نوجوان شاعر آهي، جنهن مختصر لفظن جي ترتيب ۾ روشن حقيقتنilluminining reality ڏانهن وڌڻ جي هڪ ڪاوش ڪئي آهي، هُو بہ وليم بليڪ جيان سَطحي خيالن مان آزادي چاهي ٿو، پنهي ۾ هڪ فرق هي بہ آهي تہ هُو وليم بليڪ جيان ابدي سچ universal truth کي نہ ٿو ڇُهي، پر اُن جي جاءِ تي هن وٽ مختصر لفظن ۾ مزاحمت ۽ داخليت resistance and subjectivism احساس آهن:

گھُٽ جو گھر تي ڪَڙو آهي چڙهيل،  
موت جو ٿر تي ڪڙو آهي چڙهيل.  
ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي پڙلاءَ جو،  
امن جي ٿر تي ڪڙو آهي چڙهيل.

Emily Dickinson چيو آهي تہ،:

If I read a book and it makes my body so cold no fire ever can warm me, I know that is poetry.

املي ڊڪنسن وٽ شاعري درد جي انتها جو نالو آهي، پُرمسرت ۽ خوشي ڏيندڙ سامان آهي، هُن جي خيال موجب شاعري اُها ناهي، جيڪا ڪنهن بحث_دليل Argument جي صورت ۾ پاڻ مجرائي، پر هُن جي نزديڪ شاعري اُها آهي، جيڪا پڙهندڙ کي پنهنجي طاقت جي وسيلي، پاڻ مڃائي، املي ڊڪنسن، ڪيٽس جيان شاعريءَ کي a thing of beauty is a joy forever سمجهي ورتو آهي، هن جو نظم hope is the thing with feathers ڪافي مشهور آهي:

Hope is the thing with feathers,<br>
That perches in the soul,<br>
And sings the tune without the words,<br>
And never stops at all. (Emily Dickinson)

وسيم آڪاش جي شاعري املي ڊڪنسن جيان دردن کي اهڙو فاتح ڪو نہ ٿي قرار ڏئي، جيڪي فتح ڪرڻ کان پوءِ دلين جي قُبن تي ويهي رهن، پر هُن جي شاعري املي ڊڪنسن ۽ ڪيٽس جيان خوشيءَ جو سامان بہ مُيسر ڪري ٿي، وسيم آڪاش جي اُميد کي املي ڊڪنسن جي اُميدن جيان کنڀ پلي نہ هجن، پر اُن جي اُميدن ۾ چنڊَ بہ ندين ۾ وهنجي پون ٿا ۽ هر لهر رقصان آهي:

هر لَهر رقصان چاندنيءَ ۾،<br>
چنڊ وهنجي پيو نديءَ ۾.<br>
عشق آ مهربان ٿي پيو،<br>
مان تہ ماپان نہ ٿو خوشيءَ ۾.

اُهو چيو ويندو آهي تہ poet is born not made آهي، پر آئون ان ڳالهہ سان متفق نہ آهيان، w.carlos Williams اُهو صحيح چيو آهي تہ شاعري اُها خوبصورت آهي، جيڪا پڙهندڙ ۽ شاعر جي وچ ۾ ڪو فاصلو رهڻ نہ ڏئي ۽ منهنجي خيال ۾ اهڙي شاعريءَ لاءِ ضروري آهي تہ اُها ماڻهوءَ جي inner feelings کي نرم ڇُهاءُ بخشي، پر اُهو تيسيتائين نہ ٿي سگهندو، جيسيتائين شاعريءَ ۾ زندگيءَ جو اعليٰ شعور ۽ جوهر (divine essence of life شامل نہ ٿو ٿئي، وسيم آڪاش جي شاعري ساڳي طرح divine essence of life ڏانهن وڌي رهي آهي ۽ sri chinmoy جي روحاني تجربن جيان آهي:

Love is not a thing to understand,

Love is not a thing to feel,
Love is not a thing to give and receive,
Love is a thing only to become and enternally be!
(sri chinmoy)

وسيم آڪاش وٽ بہ پيار مقدر جي راحت آهي ۽ پنهنجي روحاني تجربي ۾ هُو پنهنجي عاشقي جي پاڻ امامت ڪرڻ جي قابل آهي:

**بيقراريءَ جي راحت مقدر رهي،**
**زندگيءَ جي مُسافت مقدر رهي،**
**حسن آڏو رُڪوع ۾ رهياسين سدا،**
**عاشقيءَ جي امامت مقدر رهي.**

وسيم آڪاش جي هن ڪتاب ”آلا نيڻ آڪاش جا“ جي ڪجهہ شاعري مون وٽ پهتي آهي، جنهن جي بنياد تي آئون اِها راءِ قائم ڪريان ٿو تہ مٿين خوبين ڪانسواءِ، سندس شاعريءَ ۾ فني سطحن تي پيون بہ ڪي خوبيون آهن هڪ تہ هُو ٻوليءَ جون ترڪيبون ڏاڍيون خوبصورت جوڙي ٿو۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس قافيي سان رديف ملي بہ ٻوليءَ جي ڪا خوبصورت ترڪيب جوڙن ٿا:

**جاڳي اُماس دُک جي جيون جي هنج ۾،**
**تڙپي ٿو چين صدمن اُڏمن جي هنج ۾.**

ڪڏهن ڪڏهن هُو هڪ ئي لفظ کي استعارو بڻائي وٺي ٿو:

**هن سماجي گندگيءَ جي ڍير مان،**
**مان ڪنول وانگي ڦُٽي اُسران پيو.**

وسيم آڪاش وٽ تجريديت واري مبهم پرستي ڪانهي، پر سندس شعر سنوان۔ سِڌا پختو ابلاغ رکن ٿا ۽ پڙهندڙ تائين ڪميونيڪٽ ٿيڻ ۾ دير ئي نہ ٿا ڪن، ڇو تہ سندس ٻولي ۽ لهجو سليس آهي، اُنهيءَ ڪري سندس پيغام ۾ هڪ صاف گوئي آهي:

**روز جيئي ۽ مري ٿو ڪوئي،**
**ياد توکي تہ ڪري ٿو ڪوئي.**
**تانگهہ جي تاءَ تپش ۾ اڪثر،**
**باھ وانگر ئي ٻري ٿو ڪوئي.**

وسيم وٽ ادب جي نج پٽي جو تصور ڪونهي، پر هُو هڪ ئي وقت سياست ۽ ادب جي سنگم جي نظرئي جو شاعر آهي، سندس ٻه نظم ”تاريخ جون سُرخ اکيون“ ۽ ”روشنيءَ جو بدن“ اُنهيءَ نڪتہءَ نظر جا منطقي دليل آهن، ائين سندس هڪ ٻيو نظم بعنوان ”غلامي“ ٻہ قومي ٽرئجڊيءَ جي عڪاسي ڪندڙ نظم آهي، هن ڪنڌ جي پيار ۾ جيڪو درد اُوتيل آهي، اُنهيءَ ڪان وسيم آڪاش بہ روحاني طرح دامن بچائي نہ سگهيون آهي، پر سندس موضوعن جي ويرائٽي سماجيات جي ادراڪ ۾ وڌيڪ چٽي ٿي بيٺي آهي، هُن جي غزلن ۾ سماجي ويڳاڻپ ۽ خود پرستيءَ جي خلاف احتجاج آهي، هو رومانس جي برعڪس سماجي جاڳرتا ۽ ماڻهپي جو داعي شاعر بڻجي سامهون اچي ٿو، اُهو اجتماعي شعور جو ساک پريندڙ مظهر آهي:

ماڻهپو ماڻهو ڳهي ويا،
آدمي حيوان آهي.
پاڻ هرڪو پنهنجي من جو،
پاڻ ئي سلطان آهي.

وسيم آڪاش جون وايون غزل_ نما وايون آهن، جن ۾ ڳوٺاڻي تهذيب ۽ ڳوٺاڻي نفسيات جون ڪي خوبصورت عڪس بنديون آهن، جيڪي پڙهندڙ کي رَسُ چَسُ عطا ڪن ٿيون، ڪِن واين ۾ سندس نئين ڪردار سازي واري هنر مندي من موهيندڙ آهي، سندس وايون روايت ۽ جدت جي وچ تي بيٺل اهڙيون وايون آهن، جن جي تخيل ۾ ڪڏهن ڪڏهن جماليات پنهنجا پرڙا کُولي ٿي:

ڳُلَ چوٽيءَ ۾ هٽي،
چيلهہ تي گهاگهر ڪٽي،
ڪوهہ تي سوچي پئي.

وسيم آڪاش وزن بحر جو هڪ ستو شاعر آهي، جنهنجي ڪري هن جي شاعريءَ ۾ پنهنجي ڪيترن ئي همعصر شاعرن کان وڌيڪ رواني ۽ ردم آهي، توڙي جو وسيم آڪاش قافين جي مروج فائدن مان فيض بہ ورتو آهي ۽ توڙي جو هُن غير معمولي خوبصورت رديفن جي کٽت سان گڏوگڏ ”رائج عصري رديفن“ جو پڻ سُک ماڻي ورتو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ”دستوري فني فائدن“ مان هُن فيضياب ٿيندي، شدَ ڏئي بہ وزن پُورو ڪيو آهي، پر پوءِ بہ هن فني سطح تي پنهنجي نئين

ٿهي جي ڪيترن ئي نوجوان شاعرن کان گوءِ کَٽي ورتي آهي، وزن جي ڪافي پورائيءَ کانپوءِ هن نيون تشبيهون، نوان استعارا ۽ نوان محاڪات پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ مدعو ڪري ورتا آهن:

**حوصلا همتون پيو ماريان،**
**پنهنجي من تي ڏڪار آهيان مان.**

وسيم آڪاش جي واين ۾ ڪلاسڪ ڪردارن مان دل جي ڪيفيت جي رونمائي ٿئي ٿي:

**نوري ڄام جئان،**
**مون ڪي ڪينجهر ۾،**
**ننڊ اچي ويندي.**

وسيم آڪاش هڪ اهڙو نوجوان شاعر آهي، جنهن مان اِملي ڊڪنسن جي اُميدن جي ڪنهن جهڙي اُميد رکي سگهجي ٿي ۽ وليم بليڪ جي "ابديت واري سوچ" جي نئين نويد ڦُٽي سگهي ٿي، پر شرط هيءُ آهي تہ وسيم آڪاش Wordsworth جيان spontaneous overflow of the powerful feelings سمجهي وٺي.

**گيت سرجن ٿا رتُ ولوڙڻ سان،**
**شاعريءَ لئہ گيان ٿو گُهرجي.**

خليق ٻگهيو
مورو
Cell: 0333 7083523

# احساسن جا وهڪرا

احساسن جا وهڪرا خيالن جي تيز ڌارائن ۾ شامل ٿي، جڏهن اظهار جي خوبصورت سمنڊ ۾ چوڙ ڪن ٿا، تہ جهومانيندڙ رچنائن جا موتي، لفظن جي صورت اختيار ڪري ، ڪاغذي اپ تي خوبصورت پڪين ۽ پوپٽن جيئن اڏامندا محسوس ٿيڻ لڳندا آهن. لکڻين جا اهڙا نقش نگار ئي معياري تخليق جي ضمانت هجن ٿا. تخيل جي پيوند ڪاريءَ لاءِ گهربل ادبي احساس منجهان ڦٽي نڪتل، اسم ئي ٻوليءَ جي ارتقا ۾ سونهن توڙي سوڀيا ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. بي ڍولي تخليق ٻوليءَ جي خدمت نہ بلڪ ٻوليءَ سان دشمنيءَ جي مترادف آهي. ننگن احساسن کي تخليقي ۽ ادبي لباس اوڍائڻ جو نالو ئي ادب آهي. جذبن جي اٿاهہ ساگر کي ڪنهن اصولي سٽاءُ ۾ پابند ڪرڻ کي ئي شاعراڻي ڪاريگري ۽ فن جو ڪمال چئبو آهي . نہ تہ هوند ڍڳ ڪتابن جا غير معياري تحريرن سان ڀريا پيا آهن. پر انهن جو ڪو بہ تخليقي، ادبي ۽ سماجي ڪارج سامهون نہ اچي سگهيو آهي. روح جي پاتال منجهان نڪتل لفظ ، جڏهن فني ۽ فڪري اوچائين کي ڇهڻ لڳندا آهن ، تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ادب انهن تخليقن تي ناز ڪرڻ لڳندو آهي. ۽ پوءِ اهي فطري احساس پنهنجي جڳهہ پاڻ ٺاهيندا آهن. انهن احساسن کي مڃتا جي ڌارائن ۾ شموليت اختيار ڪرڻ کان ڪوبہ روڪي ڪونہ سگهندو آهي. هر اها تخليق جيڪا معياري مواد ۽ مٿيرو تخيل نہ ٿي آڇي، سا پاڻمرادو ئي پنهنجي انت ڏانهن کهي ٿي وڃي. هر اهو سٽاءُ جيڪو اصولي گهاڙيٽن جي لتاڙ جو مرتڪب بڻجي ٿو ، سو گهڻي دير جيئرو نہ ٿو رهي سگهي. سدا حيات تخيل لاءِ سدا حيات اصولي گهاڙيٽن جي پوئواري تمام ضروري آهي.

منهنجي ان ذاتي راءِ سان ڀلي ڪو سهمت نہ بہ هجي ، پر منهنجي نظر ۾ سٺو شاعر فقط اهو ئي آهي جيڪو فڪر کي فن جي سراڻ تي چاڙهڻ جو ڏانءُ ڄاڻڻ کان وٺي ، مختلف هيئيتي تجربن تائين پنهنجي داخلي ڦهلاءُ منجهان، تخليق جون نت نئيون ڪائناتون جوڙڻ جو ، فني ڍنگ بہ بخوبي ڄاڻندو هجي. ان جا ليک سماجي ۽ علائقائي بناوتن جي حدبنديءَ کان ٻاهر ۽ بنهہ اوپرا بہ نہ

هجن . فڪر پنهنجي ئي مٽيءَ منجهان ، اهڙو تہ ڳوهجي جو سموري دنيا ان کي پنهنجي ويجهو محسوس ڪري .

سيتا نگريءَ جو نوجوان سرجڻهار وسيم آڪاش سيتائي بہ سنڌ جي ادبي حلقن ۾ پنهنجي نانءُ ۽ پنهنجي مخصوص تخليق سان سڃاتو ويندڙ اهو شاعر آهي ، جنهن پنهنجي چنڊ نما تحريرن ، فڪر ۽ فن ذريعي سنڌي شاعريءَ جي وسيع ڪئنواس تي گهري ڇاپ ڇڏي آهي . علم عروض جو هي بهترين ڄاڻو شاعر غزل ، وائي ، نظم ، بيت ۽ ٻين ڪيترين ئي ، معروف توڙي غير معروف صنفن جي بنيادي گهرجن کان بخوبي واقف آهي ، عروض جي بنيادي معلومات کان ويندي ، ان جي مڪمل رچاءُ تائين پهچ رکندڙ هن صاحبِ ادراڪ تخليقڪار وٽ آوازن جي ادائگي جو علم ، وزن ، بحر ، تقطيع ، جزياتي ترڪيبون ، مستعمل ۽ غير مستعمل بحر جي تفريق ، زحاف ۽ ان جا اصول ، قافيا ، قافين جا شرط ۽ قافين جا عيب ، رديف جو جاندار استعمال ۽ ان سان نياءَ جون علمي حجتون ، مطلب تہ شاعريءَ جي علم سان لاڳاپيل گونان گون معلومات تعريف جي حد تائين ججهي مقدار ۾ آهي .

وسيم آڪاش انهن ٿورن شاعرن منجهان هڪ آهي ، جيڪي ڪنهن بہ بحر ۾ رهِي ان کي مترنم انداز سان ڀرپور نموني نڀائي ڄاڻن . هر بحر جا ڪيترائي اوزان اهڙا آهن جن کان اڄ جو تخليقڪار ايئن وڙن وڃي ٿو جيئن ڪانءُ ڪمان کان ، پر وسيم آڪاش اهي اهنجا وزن ڪٽي ، انهن تي ڀرپور طبع آزمائي ڪري ، فني پختگيءَ جي حوالي سان پڻ ، پاڻ کي لاتعداد شاعرن کان الڳ ڪري ورتو آهي . مرضيءَ جو وزن ڪٽي ان ۾ بيپناهہ ترنم ۽ رواني پيدا ڪرڻ وسيم آڪاش جي شاعراڻي هنر ۽ ڪمال جا خوبصورت مثال آهن . جيئن هيٺ هُن بحر مضارع (مسدس) جي وزن : مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن تي ڪيڏي نہ ڪمال جي مترنم خيال آرائي ڪئي آهي .

**مون کان پري نہ ٿيءُ، حياتي آ بي بقا،**
**وڪريل وجود ڪير سهيڙيندو تو سوا.**

اهڙي طرح وسيم مشڪل کان مشڪل تر بحر ۽ وزن ڪٽي ، فني طور تي اڳتي وڌندو نظر اچي ٿو. فني طور تي هڪڙي هنڌ بيهي وڃڻ کي موت سمجهندي ، هُو منفرد سڃاڻ جي جستجو ۾ سرگردان رهي ٿو . ۽ پوءِ بحر رمل ( مسدس) جي

اهڙي ڏکيي وزن : فاعلاتن فعِلاتن فعلن تي بہ هيٺيون خوبصورت غزل سرجي ٿو وٺي.

**زندگي پنهنجي فنا ڪير ڪري،**
**عشق جو سجدو قضا ڪير ڪري.**

مختلف بحر ۽ وزن تي آڌاريل اهڙيون ڪيتريون ئي لکڻيون وسيم آڪاش جي هن خوبصورت مجموعي توڙي هن کان اڳ ۾ ڇپيل شاعريءَ جي ڪتاب ”هوائن چيرچمڪائي“ ۾ پڙهي سگهجن ٿيون . وسيم آڪاش توري تڪي لکندڙ هڪ با شعور سرجڻهار آهي . اختصار مان ڪم وٺندي هتي رڳو وسيم آڪاش جي بن اسمن کي فني پختگيءَ جي مثال طور ڪنيو آهي . نہ تہ هوند وسيم آڪاش جي سموري شاعريءَ جو جيڪڏهن مفصل فني تجزيو ڪبو تہ وسيم آڪاش هلندڙ ٿهيءَ جو نمائنده شاعر ٿي سامهون ايندو ۽ بلاشبہ وسيم آڪاش هلندڙ وقت جي ڏات ڏٽين ۾ هڪ سٺي ادبي ساک رکندڙ ۽ تمام گهڻو سگهارو شاعر آهي .

**تاريخ جي پنن تي هئا داغ خون جا،**
**جيئن رات ڪا اماس جي ، ايئن سنڌ جي ڪٿا.**

سنڌ ڌرتيءَ سان لاڳاپيل اذيتن جي طويل ڪٿا کي ، احساساتي انداز سان شعر جي محدود ايراضيءَ ۾ وسعتن سان اوتڻ ، سواءِ حب الوطنيءَ ۽ قومي شعور سان گهري وابستگيءَ جي ناممڪن آهي . ديس سان ٿيندڙ انياءُ جا پيرا هر دور انديش ڪويءَ پنهنجي پنهنجي انداز سان ڪنيا آهن . جيڪي فطري طور تي جذباتيت تي ئي آڌاريل آهن . پر اهي اظهار جن ۾ اتهاسي هڃاءُ ۽ اتساهڪ حقيقت نگاريءَ جا جز شامل رهيا آهن ، سي پويان ايندڙن لاءِ مشعلِ راهہ جي حيثيت رکندڙ رهيا آهن . وسيم آڪاش بہ اهڙا اتهاسي شعر تخليق ڪري جهڙوڪر ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ ڏٽين جو قومي قرض لاهڻ جي ڪوشش ڪئي هجي .

**عربن جي دؤر شور لتاڙيو جو ديس کي،**
**ڌاهر جي پاڪ سنڌ جا ادڙي ٻکيا وَيا.**

تاريخ جي حساس ترين واقعن کي منظوم انداز سان پيش ڪرڻ تمام ڏکيو عمل هجي ٿو ، ان لاءِ تحقيقي اک ڌارڻي ٿي پوي ۽ ان دؤر جي معروضيت ۾ اوناهين تائين گهڙڻو ٿو پوي ، مطالعاتي ۽ مشاهداتي طرز سان ڳالهہ کي بيان ڪرڻو ٿو پوي ، وسيم آڪاش ماضيءَ جي حقائق ۾ لهِي ، جنهن فهم ۽ ادراڪ سان

قومي وحدت مٿان ٿيندڙ تاريخي هلان ڪي چٽيو آهي ، ان لاءِ وسيم آڪاش جس لهڻي . هر باشعور فرد مٿان مادرِ وطن جون عائد ٿيندڙ قومي ذميواريون ان ڪي اکيون پوٽي آرامي ٿيڻ نہ ٿيون ڏين . ايئن وسيم آڪاش بہ پاڻ مٿان لاڳو ٿيندڙ قومي ذميوارين ڪي پنهنجي شاعريءَ ۾ نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي .

دل چاهي ٿي تہ وسيم آڪاش سيتائي جي هر تخليقي پهلوءَ تي دل ڪولي ڳالهائجي ، ان جي فڪري اڏام تي الڳ سان روشنيءَ وجهجي ، ان جي تخليقي روش ۾ اسلوب ڪان ويندي ، مبهم ۽ غير مبهم فني لوازمات تي خوب لکجي ، پر تاثراتي صفحن جي گنجائش موجب ايترو ئي ممڪن آهي . ڇاڪاڻ تہ وسيم آڪاش جو خوبصورت تخيل رڳو مٿي ڏنل مختصر جائزن تائين محدود ناهي . هن جي خيالن ۾ فڪري همہ گيريت جا ڪيترائي عڪس موجود آهن .

**جميل سومرو**
ڏهرڪي

پنهنجي پاران:

# ”ھي منھنجو ٻيو جنم آهي“

مون کي سڀ کان وڏيڪ مشڪل ڪم پنهنجي لاءِ ٻه اکر لکڻ لڳندا آهن، مان هميشه پنهنجو پاڻ سان مخاطب ٿيندي ئي مُنجهي پوندو آهيان، مون پاڻ سان پنهنجي عمر جو سمورو وقت گڏ گذاريو آهي، ۽ ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته مان پاڻ کي پاڻ ئي درد ڏيندو آهيان، ڳهاءُ ڏيندو آهيان ۽ پاڻ ئي پنهنجو مَسيحا هوندو آهيان، جڏهن به مون تي دردن ۽ پيڙائن جي رات لهندي آهي ته، اڪيلائي پنهنجي پاڪر ۾ پيري اذيتن جي تيز ڌار ڇُريءَ سان منهنجي روح کي چيهون چيهون ڪري ڇڏيندي آهي، ۽ منهنجو وجود لَهو لَهو ٿي پوندو آهي، تڏهن مان ڏاڍو اداس ٿي ويندو آهيان، پريشان ٿي ويندو آهيان، ۽ ائين ئي پنهنجي حصي جي پوڳنائن جا بَرَ جهاڳيندو رهندو آهيان.

شاعريءَ جي پناهَ منهنجي نراس من جي چپن تي مُرڪون پکيڙيون آهن، شاعريءَ منهنجن بي نانءُ اُڌمن ۽ احساسن کي نانءُ ڏنو آهي، شاعريءَ منهنجي دل، جسم، روح ۽ وجود جي زخمن تي آٿتن جا ڦها رکيا آهن، ۽ شاعريءَ ئي مون کي پنهنجي لوازمات مان ڇٽيو آهي، هي منهنجو ٻيو جنم آهي، ۽ منهنجي نئين جنم کي فطرت جيڪا به ڏات ڏني آهي، سا مون به اُن کان اکين سان ورتي آهي،

منهنجو پهريون شاعري مجموعو ”هوائن چير چمڪائي“ سال 2014ع ۾ ڪنول پبليڪيشن، قنبر پاران ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ڪانپوءِ سيتاروڊ جي سرجڻهارن جو گڏيل شاعري جو مجموعو ”ڏهر منجهه ڏيئا“ مرتب ڪيو، جيڪو سال 2015ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ سيتاروڊ پاران ڇپجي پڌرو ٿيو، ۽ هاڻي سال 2016ع ۾ منهنجن ڪچن ڦڪن شعرن جو جهڳٽو ”آلا نيڻ آڪاش جا“ اوهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، منهنجا خيال، احساس، جذبا، اُڌما، ۽ منهنجون پوڳنائون اوهان جي نظر آهن.

شاعري سڄي عمر جي رياضت آهي، ۽ منهنجي شاعري منهنجو ”مافي الضمير“ آهي. منهنجي هن وقت تائين جيڪا به شاعري فن ۽ فڪر جو امتزاج ٿي

ادبي کيتر ۾ اُسري آئي آهي، سا ڪيتري لاپائتي آهي؟ اهو اوهان سُخن شناس پڙهندڙن، ادب ذوق، اديب، شاعر ۽ نقاد دوستن تي ڇڏيان ٿو.

منهنجي هن ڪتاب جو مُهاڳ بشير سيتائي صاحب لکيو آهي، جيڪو هن وقت اسان کان هميشه جي لاءِ وڇڙي ويو آهي، سندس وفات کان ٻه ٽي ڏينهنَ اڳ جڏهن منهنجي سائين سان فون تي ڳالهه ٿي هُئي، تڏهن ٻه چيائين پئي ته ”وسيم! ڪتاب ڇپائڻ ۾ ڏاڍي دير لڳائي اٿئي!“ مون چيو:”ها سائين، بس هاڻي مهيني اڌ ۾ ڇپجي ويندو“، ۽ جڏهن هڪ هفتي کان پوءِ اڄ هن ڪتاب ۾ ”پنهنجي پاران“ ۾ لکندي سائين بشير سيتائي جا ٿورا مڃي رهيو آهيان، ته منهنجون اکيون آليون ٿي ويون آهن، ۽ منهنجي هن شاعري مجموعي جو نانءُ ”آلا نيڻ آڪاش جا“ ٻه بشير سيتائي صاحب ڏنو، ”ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.“

مان محترم خليق ٻگهيو ۽ جميل سومرو جو ٻه نهايت ٿورائتو آهيان، جن منهنجي ڪتاب تي محبتن جي اظهار جهڙا تاثر لکيا، مون کي پنهنجو پيار ڏنائون، ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل لکندڙ مانوارن سائين ع.غ تبسم، محمد دين راڄڙي، معصوم بخاري ۽ وشال جي پيار جو پڻ ٿورائتو آهيان. پنهنجي پياري دوست غلام مصطفيٰ گهائل ۽ ربنواز سولنگي جو ٻه ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجو پيار ٻه مون تي واريو. سعيد سومرو جو ٻه ٿورائتو آهيان جنهن خوبصورت ٽائيٽل کان وٺي ڇپائي تائين ساٿ ڏنو.

۽ مون کي هر وک تي اُتساهيندڙ، مون کي پنهنجو پيار ڏيندڙ ساس سيتاروڊ جا دوست قادر بخش ”قلندڙ“، ”مجبور“ ميمڻ سيتائي، منصور سيتائي، ”مشهور“ ميمڻ، قمر پيان، احمد نواز سولنگي، ”غريب گل“ سيتائي، سليمان سومرو، آصف خاصخلي سيتائي، منظور سيتائي، عزيز سيتائي، شاڪر عزيز سيتائي، ذاڪر سيتائي، فياض منصور، منور ملاح سيتائي، نويد سخيراڻي، عاجز فهيم سيتائي، راشد سومرو ۽ امجد علي ميمڻ، سعيد ميمڻ، (ڪهڙا نالا ڪڻي ڪهڙا ڪڇجن) مان سڀني پريُن پيارن سڄڻ ساٿين جو دل جي گهراين سان شُڪر گذار آهيان.

**وسيم آڪاش سيتائي**

Cell; 03334511338

سيتاروڊ_سنڌ 10.02.2016

# آلا نيڻ آڪاش جا

## شاعري



وسيم آڪاش سيتائيءَ سان مون زندگيءَ جو ڪجهہ حصو گڏ گذاريو آهي، وسيم نيڪ دل، سچو، کَرو، بااخلاق ۽ پُرخلوص انسان آهي، وسيم آڪاش جي شاعريءَ ۾ فطرت جي حَسين وادين جا ڪيترا ئي حَسين ڏيکَ آهن، جيڪي دل جي تارن کي ڇيڙي ڇڏيندڙ آهن، سندس شاعريءَ ۾ بيوس ۽ لاچار ماڻهن جي اُپ ڏاريندڙ صدا آهي، عشق جو اظهار، اقرار، خمار آهي، ڏکڻ جي ٿڌڙي هيرَ ۽ جون جي جهولي جهڙي گرم هوا آهي، ڪويل جي ڪوڪَ بہ آهي تہ موهن جي دڙي جي ناچڻيءَ جي پيرن جي ڇيرن جي ڇمڪار بہ، ڌرتي لاءِ بي پناهَ محبت بہ آهي، سندس شاعريءَ ۾ ڌرتي ڌڻين جا درد، پيڙا ۽ نہ ڪُٽندڙ پوڳنائون بہ کَر ڪنيون بيٺيون آهن، ظالم سامراج خلاف اللاعلان بغاوت آهي، ۽ سندس ڪوتائن ۾ سماجي گندگيءَ جو بدنما چهرو بہ فني مهارت سان چٽيل آهي، اِها سڀ وسيم جي پنهنجي محنت آهي، مسلسل شاعراڻي مشق آهي، جنهن وسيم کي انڊلٺي رنگن سان رنڱي ڇڏيو آهي، نوان خيال، نوان موضوع، ترڪيبون، تشبيهون ۽ استعارا وسيم آڪاش جي شاعريءَ ۾ هر هنڌ پکڙيل آهن، وسيم آڪاش نئين دؤر جو نئون آواز آهي.

غلام مصطفيٰ گهائل

هينئر تائين سنڌ ۾ تيندڙ شاعريءَ ڪي چئن وڏن دؤر ن ۾ ورهايو ويو آهي، جنهن ۾ پهرين دؤر واري شاعريءَ ڪي لوڪ شاعري ڪوٺيو ويو آهي جنهن ۾ پاڳُو پان سميت چارڻ فقيرن ۽ ڀٽ فقيرن وغيره جي شاعري اچي وڃي ٿي، ٻئي دؤر واري شاعريءَ ڪي ڪلاسيڪل شاعري ڪوٺيو وڃي ٿو جنهن ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، مِيَن عنايت رضوي، شاهه لطيف ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا، ٽئين دؤر ڪي روايتي دؤر ڪوٺيو وڃي ٿو جنهن ۾ مرزا قليچ بيگ، فيض بخشا پوري جهڙن شاعرن جي هڪ ڊگهي قطار اچي وڃي ٿي، چوٿين دؤر ڪي جديد شاعري وارو دؤر چئجي ٿو جيڪو دؤر 1947ع کانپوءِ شروع ٿئي ٿو جنهن دؤر جي شروعاتي شاعريءَ ۾ ڪشنچند "بيوس"، نارائڻ شيام، شيخ اياز وغيره اچن ٿا هينئر تائين جديد دؤر ۾ تيندڙ شاعريءَ ۾ چوٿين پيڙهي ) جنريشن ( پنهنجا پير پختا ڪري رهي آهي، جنهن ۾ وسيم " آڪاش " سيتائيءَ جو بہ شمار ٿئي ٿو.

وسيم شاعريءَ جي شروعات 2003ع کان ڪئي. سندس شاعريءَ جو سفر پلي ڪٽي ڪو گهٽو پراڻو نا هي پر سندس شاعريءَ مان سنڌي شاعريءَ جي چئني دؤر ن جي مهڪ اچي ٿي.

وسيم " آڪاش " سيتائيءَ جي شاعريءَ ۾ خوبصورت منظر نگاري، گهري سوچ، مظلومن جو پيڙائُ، اڪيلائپ، اوجاڳا ۽ ڌرتيءَ سان بي انتها محبت ملي ٿي. سندس لکڻيءَ جو اسلوب ۽ ڍنگ نرالو آهي، فني ۽ فڪري لوازمات جي لحاظ کان سندس شاعري سندس همعصرن جي ڀيٽ ۾ الڳ ٿلڳ ۽ نمايان نظر پئي اچي. وسيم " آڪاش " سيتائي تمام ٿورڙي عرصي ۾ شاعريءَ جي سيني صنفن تي تمام مهارت سان طبع آزمائي ڪئي آهي جنهن ۾ بيت، غزل، گيت، وايون، نظم، نثري نظم، ٽيڙو، ترائيل ۽ هائيڪا شامل آهن. فطري حسناڪين، رومانس، نفيس احساس، اندر جي اُڌمن ۽ تصوف جي رنگن سان رڱيل هي خوبصورت رنگ برنگي گلدستو " آلا نيڻ آڪاش جا " اسان جي هٿن ۾ آهي. اسان جون نيڪ تمنائون وسيم " آڪاش " سيتائيءَ سان گڏ آهن، اميد تہ هو ايندڙ وقت ۾ پنهنجي بهترين صلاحيتن ڪي استعمال ڪندي نہ صرف شاعريءَ جي آڪاش تي چمڪندو پر پنهنجي وشال خيالن جي اُڏام سان ميجتا جو معراج بہ ماڻيندو.

ربنواز سولنگي

زندگي پنهنجي فنا، ڪير ڪري،
عشق جو سجدو، قضا ڪير ڪري.

عمر جا گهاوَ پيرڻ آيو جو،
تنهن مسيحا جي دوا، ڪير ڪري.

پورَ ڪي پيرَ ڪڙيون پايون پر،
يادگيريُن سان دغا، ڪير ڪري.

مطلبي اڄ جي زماني ۾ اينءِ،
پاڻ سان پيي ٿو وفا، ڪير ڪري.

سنڌ جي فرض جا قرضي آهيون،
فرض جو قرض ادا، ڪير ڪري.

عرشُ ’آڪاش‘ وجهي لُوڏي جا،
وقت جي اهڙي صدا، ڪيرُ ڪري!

□

مون ڪان پري نہ ٿيءُ، حياتي آ بي بقا،
وڪريل وجود ڪير سهيڙيندو تو سوا.

ديبل جي دانهن دردُ هان، مڪليءَ جي ماٿ يا،
موهن دڙي جي روح جي آهيان ڏيپل صدا.

جهاڳيان پيو جهان جو جهنجهٽ اجا پرين،
فطرت جو ياڻ پيدء، ازل منهنجي ابتدا.

توبن خزان جي زرد پتن وانگيان ڇڻيل،
گمنام ڪنهن تہ راهَ جو رهگير هان مٺا.

عربن جي دؤر شور لٽاڙيو جو ديس کي،
ڏاهر جي پاڪ سنڌ جا اُڄڙي بکيا ويا.

تاريخ جي پنن تي هُئا داغ خون جا،
جنءِ رات ڪا اُماس جي، انءِ سنڌ جي ڪٿا.

□

هٿَ مقدر ڪَٽي ڇڏيا آهن،
خواب نيڻن لَٽي ڇڏيا آهن.

شوخ تنهنجي بہ جي طبعيت آ،
مون بہ رستا مٽي ڇڏيا آهن.

واڻ وانگر اسان بہ اي جيون!
پنهنجا جذبا وَٽي ڇڏيا آهن.

پاڻ سارين جئان لُٽي آخر،
سورَ پنهنجا سٽي ڇڏيا آهن.

چاهتن جا گلاب بستيءَ مان،
وقتَ پاڙئون پَٽي ڇڏيا آهن.

ڀيوسين حوصلا حياتيءَ جا،
باز وانگر جهٽي ڇڏيا آهن.

هاءِ! "آڪاش" عشق جي راهن،
پيرَ دل جا ڦٽي ڇڏيا آهن.

□

باک جنءِ رات مان ڦُٽي نڪتي،
جيت انءِ مات مان ڦُٽي نڪتي.

هُن سهيڙيو وجود منهنجي ڪي،
عمر سڪرات مان ڦُٽي نڪتي.

دل ۾ آهي جا درد جو تلخي،
وقت حالات مان ڦٽي نڪتي.

فاصلن جي وشال صحرا ۾،
تانگهہ هُئي تات مان ڦُٽي نڪتي.

يار جي انتظار جي اذيت،
من جي محلات مان ڦُٽي نڪتي.

منهنجي فن جي سموري حسناڪي،
منهنجي فڪرات مان ڦٽي نڪتي.

ڏانءُ آڪاش جي هُيو وَسُ پر،
شاعري ذات مان ڦُٽي نڪتي.

□

## روشنيءَ جو بدن

**ديپ جي جوت کي،**
**هٿ سان جهيڻو ڪري،**
**پوري ماحول جو، گندو چهرو ڪري،**
**روشنيءَ جو بدن آهي چچريو ويو،**
**سنڌ جي سونهن کي،**
**باز وانگر جَهٽي،**
**چيهون چيهون ڪري ٿو بگاڙيو وڃي،**
**پونءِ جو بخملي ۽ پيلارو بدن،**
**بي ڏڙڪ هرڪو راڪاس رهڙي پيو،**
**ماسُ منهنجي مهربان ماتا سندو،**
**هي بگهڙ گڏجي روڙي ٿا کائن پيا،**
**گل مروڙيا وڃن باغ پيليا وڃن،**
**چاهتن جا چٽا، رنگ ميرا ڪري،**
**موسمن جا هٿي،**
**سِرَ ٿا لاٿا وڃن،**
**ظلم ناحق سندا،**
**تيز خنجر هڻي،**
**آچپي جون اکيون پيو ڪڍيون ٿيون وڃن،**
**هيروشيما جئان، ناگاساڪيءَ جئان،**
**سنڌ مسلسل اِهي گهاءَ سهندي رهي،**
**سنڌ پرندي رهي،**
**سنڌ سڙندي رهي،**

سامراجي جتا، جڙ چتا ڪي ڪُتا،
روز انسانيت ڪي،
ڇيچاڙن پيا،
منهنجا ڌرتي ڌڻي، ٻاڙها ٻچڙو جوان،
روز وحشين هٿان،
پنهنجن گهرڙن اڳيان،
بس کنيا ٿا وڃن،
گُم ڪيا ٿا وڃن،
ڪنهن نہ ڪنهن ماڳ تي،
در جي چائنٺ اڳيان،
پُر تشدد ٿيل،
جسم پيرا ٿيل،
تيز ڌارا سان هڙئي ڪپيل ۽ وڍيل،
لاش جي صورتن ۾،
ڏنا ٿا وڃن،
حق جو آواز اينءُ ٿو دٻايو وڃي،
داٻي دهشت جو دوزخ مچايو وڃي،
قومي تحريڪ جا رستا روڪي هڙئي،
قوم کي ٿو جبر سان ڪَنبايو وڃي.

□

جاڳي اُماس ڏُکَ جي جيون جي هنج ۾،
تڙپي ٿو چين صدمن، اُڏمن جي هنج ۾.

ساپيا جي رڻ ۾ پٽڪي سپنا رُلي ويا،
ويرانيون رَڙن پِيون نيڻن جي هنج ۾.

نرمل نزاڪتن جون تندون ڇڳيون قضا،
سِڪَ سُڏڪندي رهي ٿي ساهن جي هنج ۾.

معصوم حسرتن جون آليون اکيون ڪري،
دل دردَ هن نپايا ڌڙڪن جي هنج ۾.

طوفان نفرتن جو آيو هَليو وَيو،
احساسَ پَر مَري وِيا رشتن جي هنج ۾.

آزادگيءَ ڪي اوتي مون لفظ لفظ ۾،
جنميون بغاوتون هن گيتن جي هنج ۾.

قنديل ۾ ٻري وِيون آڪاش وسعتون،
جرڪي نہ جوت ڪائي جذبن جي هنج ۾.

□

زندگاني زوال جي بستي،
پو بہ آهي ڪمال جي بستي.

عشق مون کي شعور ارپيو آ،
عشق ارپي خيال جي بستي.

منهنجي دنيا رهي ٿي مون ۾ ئي،
مئڪدو آ ڪلال جي بستي.

درد جا ديپ ٿا ٻرن دل ۾،
۽ بدن آ ﭙلال جي بستي.

روح منهنجو ۽ تر جو ساڳيو آ،
ساڳي ماضي ۽ حال جي بستي.

ياد آڪاش جي ڪيان ڪاڏي،
ڪنۍ وساريان وصال جي بستي.

□

جڙ تِکي تلوار تان گذران پيو،
ٻيوسيءَ جي ٻاھ ۾ پچران پيو.

ھن سماجي گندگيءَ جي ڍير مان،
مان ڪنول وانگي ڦُٽي اُسران پيو.

وَئي حياتيءَ کي حياتي آ مِلي،
ڪنھن نگاھہِ ناز مان نسران پيو.

مان غُلاميءَ جي اُماوس رات ۾،
آجپي جو سجُ ٿي اُڀران پيو.

تيز تر طوفان ۾ آڪاش تي،
عزم جو شھباز ٿي اُڏران پيو.

□

## گيت

ولوڙجي پيو ٿو دم،
سدا رهن ٿا نيڻ نم،
رڳو آ ڪم رڳو آ غم،
ڪٿي پُڄي ڪٿي پُڄان.

خُوديءَ جي ٻَجُ ڏاهَ ۾،
ڪجي انا جو سِرُ قلم،
رڳو آ ڪم رڳو آ غم،
ڪٿي پُڄي ڪٿي پُڄان.

خيالَ جي پَرارَ تي،
اڪيلتا جو آ عالم،
رڳو آ ڪم رڳو آ غم،
ڪٿي پُڄي ڪٿي پُڄان.

ملي حيات مختصر،
هُيو انهيءَ ۾ درد ضم،
رڳو آ ڪم رڳو آ غم،
ڪٿي پُڄي ڪٿي پُڄان

رڪيون اجا اڇان پيو،
وصال هجر جو پرم،
رڳو آ ڪم رڳو آ غم،
ڪٿي پُڄي ڪٿي پُڄان.

ڪيان تہ مان ڪيان بہ ڇا،
لڪان تہ ڇا لڪان عدم،
رڳو آ ڪم رڳو آ غم،
ڪٿي پُڄي ڪٿي پُڄان.

نديءَ جي وهڪرن جئان،
رهيو سدا رَوان ردم،
رڳو آ ڪم رڳو آ غم،
ڪٿي پُڄي ڪٿي پُڄان.

وسيم مان "آڪاشُ" ٿي،
ڪنيوسين قوم لئہ قلم،
رڳو آ ڪم رڳو آ غم،
ڪٿي پُڄي ڪٿي پُڄان.

□

گُهٽَ جو گهر تي ڪڙو آهي چڙهيل،
موت جو ٿَر تي ڪڙو آهي چڙهيل.

لوڻ جهڙي پاٽياري زهر جو،
شهر جي جَر تي ڪڙو آهي چڙهيل.

مان رهان ٿو عشق جي ايوان ۾،
عقل جي دَر تي ڪڙو آهي چڙهيل.

سار "سِڪَ ۽ سوز" جي سهڪار سان،
درد جي ڄَر تي ڪڙو آهي چڙهيل.

ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ جي پڙلاءَ جو،
امن جي تَر تي ڪڙو آهي چڙهيل.

ذهن جي آڪاش تي پوست سبب،
سوچ جي پَر تي ڪڙو آهي چڙهيل.

□

نڙيءَ وانگر سُري ٿو من،
اڪيلائي گهُري ٿو من.

خُوديءَ جي ساهمي ڀڄي،
خوديءَ ۾ ئي تُري ٿو من.

قضا جي دار تي لڙڪيل،
جواني جو جُهري ٿو من.

سماجي وارتائن جي،
ڪهاڻين جو ڪُري ٿو من.

مٿي آڪاشُ ٿو چاڙهي،
هوا جو يا پُري ٿو من.

□

حسرتن جو ڇُڳو،
چرڪَ ۾ اوچتو،
مون کان گُم ٿي ويو.

نينهَن جي ناوَ ۾،
پاڻ تي ضابطو،
مون کان گُم ٿي ويو.

سچَ ۽ سونهنَ جو،
سرمدي سلسلو،
مون کان گُم ٿي ويو.

ڪربَ جي شهر ۾،
زندگيءَ جو سِڪو،
مون کان گُم ٿي ويو.

خيالُ آڪاش جو،
اڻ ڇُهيو _ اڻ ڏٺو،
مون کان گُم ٿي ويو.

□

## ماٺ

مون ۾ موهن جي دڙي جي،
مٽيءَ جي خوشبو آهي،
موهن مون ۾ ساهه کڻندو آهي،
۽ مان موهن جي دڙي ۾،
مان اروڙ جي عزت آبرو،
ڏاهر جو ننگُ آهيان،
جنهن کي بغداد ۾ لُٽيو ويو،
رَني ڪوٽ جي قلعي جي،
ڍِگهين ديوارن جو بنياد آهيان،
ڪاهوءَ جي دڙي ۾ دفن ٿيل،
چنبڙ جو بيباڪ اولڙو آهيان،
مان درياهه جو بدن آهيان،
۽ ڪيترا ئي پيرا وقت،
مون کي اُگهاڙو ڪيو آهي،
مڪليءَ جو قبرستان،
مون ۾ رهي ٿو،
منهنجي رتو چاڻ ڪٿا،
مون ۾ ئي دفن ٿيل آهي،
۽ ماٺ،
مون کي ڏنگي وئي آهي.

□

بيقراريءَ جي راحت مقدر رهي،
زندگيءَ جي مُسافت مقدر رهي.

خواب ساپيا جي نيڻن ۾ ڪُرندا رهيا،
من جي اڻپوري چاهت مقدر رهي.

حُسن آڏو رُڪوع ۾ رهياسين سدا،
عاشقيءَ جي امامت مقدر رهي.

ڪجهه نہ ماڻي بہ حاصل ڪيوسين گهڻو،
سونهن تنهنجي سخاوت مقدر رهي.

بيوسيءَ همتن ڪي ڪيو جهونڙو،
حوصلن جي ملامت مقدر رهي.

نرڙ تي هو غُلاميءَ جو ڪارو ٽِڪو،
گار جهڙي غلاظت مقدر رهي.

ديسُ آزادُ آڪاشَ اڪڙيون ڏسن،
آجپي لئہ بغاوت مقدر رهي.

□

چانڊوڪيءَ جي رات هُجي، ۽ يار هُجي،
ڪويل جي ٻيي لات هُجي، ۽ يار هُجي.

مٽيءَ جي خوشبو سان فطرت مهڪي پئي،
ساوڻ جي برسات هُجي، ۽ يار هُجي.

ظاهر ۽ باطن جو راز پروڙڻ لئه،
مُتلاشي فڪرات هُجي، ۽ يار هُجي.

موتُ پٺي جي پاڙون جُهريل جيون جون،
ساهَن ڪي سڪرات هُجي، ۽ يار هُجي.

سامهون آڳ هُجي ۽ پوبان پاڻي جي،
گردش ۾ حالات هُجي، ۽ يار هُجي.

شعرن مان آڪاش جڏهن پيي شعر ڦُٽن،
رقصان منهنجي ذات هُجي، ۽ يار هُجي.

□

## گيت

سِڪَ لڳي آ گهٽي،
آءُ دل جا ڏٽي،
مان اڪيلي ڇٽي،
ڪيئنءَ جيئان پيلا.

پرهَ جي نرڙ تي،
تلڪُ ڪارو هٽي،
مان آڪيلي ڇٽي،
ڪيئنءَ جيئان پيلا.

من ۾ تنهنجا پُڳا،
پورَ پيرا ڪٽي،
مان اڪيلي ڇٽي،
ڪيئنءَ جيئان پيلا.

مون ڪي ساهڙ سوا،
ڪين دنيا وٽي،
مان اڪيلي ڇٽي،
ڪيئنءَ جيئان پيلا.

تنهنجي آڪاش هان،
پيرڙن جي پَٽي.
مان اڪيلي ڇٽي،
ڪيئن جيئان پيلا.

زندگي تلخُ حقيقت آهي،
پوءِ بہ هُن ساڻ محبت آهي.

موت ماري ٿو اچي هڪ ڀيرو،
پر حياتي تہ اذيت آهي.

دردَا! بيدردُ نہ ٿي ايڏو تون،
منهنجي معصوم طبيعت آهي.

جي بہ آيا سي لُٽيندا آيا،
سنڌ ڄڻ مالِ غنيمت آهي.

حقّ لئہ ڏاڍ سان اٿڪي پئجانءِ،
توکي آڪاش نصيحت آهي.

□

ڪنهن ڪئينءَ به ڪئي پاڻ عداوت نہ ڪئي آ،
ڪنهن سان به ڪڏهن ڪنهنجي شڪايت نہ ڪئي آ.

مون پاڻ کي ڳولي به لڌو پاڻ اڳي ڪان،
تو پاڻ ڪڏهن پنهنجي امامت نہ ڪئي آ.

تو ڳالهہ ڪيان حقّ جي، ۽ حقّ تو گُهرجي،
غاصب ۽ غدارن جي وڪالت نہ ڪئي آ.

ڪنهن ڏيهہَ جي چاتيءَ ۾ هنيا خوف جا خنجر،
ڪنهن پونءِ جي زخمن جي عيادت نہ ڪئي آ.

جا ڏانُ ڏڪاريل تي اُني ڏات جي ڪڻ ڪڻ،
سا منهنجي مٿان عشق عنايت نہ ڪئي آ.؟

هت ڪوڙ جي ڪاراڻ ۾ چانداڻ کي اوتي،
ڪنهن سچَ جي آڪاش سخاوت نہ ڪئي آ.

□

بي ڏيان هُئا، بدحال هُئا،
سرمستن جهڙا حال هُئا.

حد ڪان منهنجا لاحد تائين،
جڻ هرڻيءَ وارا چال هُئا.

جن پوليءَ ڪي هن موڙ پڏا،
مرجان هُئا سي لال هُئا.

پهر! مَهينن وانگر گذريا،
ڏينهن به توبن سال هُئا.

پيڙائن جون پاپي نظرون،
جڻ بندوقن جا نال هُئا.

ڌرتي مان، آڪاش ٿئين تون،
سڀ تقديرن جا تال هُئا.

□

## گيت

خيالن ۾ گُم سُم،
هيڪل گهاري ٿي،
توکي ساري ٿي،
دلڙي ويچاري.

ٻُڪَ مان چانڊوڪي،
فطرت هاري ٿي،
توکي ساري ٿي،
دلڙي ويچاري.

ماٺ پنهوارن جي،
مون کي ماري ٿي،
توکي ساري ٿي،
دلڙي ويچاري.

ويچن جا ويڻي،

ڏونگر ڏاري تي،
توکي ساري تي،
دلڙي ويچاري.

تنهنجي سانول سِڪَ،
ٻارڻ ٻاري تي،
توکي ساري تي،
دلڙي ويچاري.

آڪاشَ جُدائي،
جوڀن ڳاري تي،
توکي ساري تي،
دلڙي ويچاري.

□

وقت تي اعتبار ناهي پرين،
وقتُ ڪنهنجو بہ يار ناهي پرين.

عشق جا منفرد هُيا زاوِيا،
عشق ڪو دين دار ناهي پرين.

دل جون بيباڪيون ويون واسجي،
نينهنَ ڪان وڌ نڪار ناهي پرين.

تنهنجي چپڙن جي سُرڪَ هڪڙي ملي،
سو لَٿو ئي خُمار ناهي پرين.

ٻاٽَ جو ريگذار جاڳي پيو،
لاٽَ جو ڪو ڏُوار ناهي پرين.

زندگيءَ جي سفاڪين جي مٿان،
سُرت پريو سُڪار ناهي پرين.

جڳ ئي آڪاش ٿو پريشان رهي،
ڇا ٿِيو جي قرار ناهي پرين.

□

## گيت

جلندي جلندي دير سوير،
رات وهامي ويندي نيٺ.

چنڊ جي ويهي ننڊ ڦٽايون،
پورَ اچو! چمڪايون چير.
جلندي جلندي دير سوير،
رات وهامي ويندي نيٺ.

تاريخن جي ماٿي تان اڄ،
صدين جي لاهيندي مير،
جلندي جلندي دير سوير،
رات وهامي ويندي نيٺ.

روشن ٿينديون راهون پنهنجون،
باقي آهي ٿوري دير،
جلندي جلندي دير سوير،
رات وهامي ويندي نيٺ.

آڪاش اجائي تڙپڻ جي،
کهڙي توکي پئي آ هير،
جلندي جلندي دير سوير،
رات وهامي ويندي نيٺ.

□

ماڻهو ماڻهوءَ کي مانُ ٿو گهُرجي،
آجو سارو جهانُ ٿو گهُرجي.

پنهنجي ڌرتيءَ جا دنگَ سڀ پنهنجا،
پنهنجو ئي آسمانُ ٿو گهُرجي.

سونهن کي جئينءَ مانُ ٿو گهُرجي،
سچَ کي انءِ ئي شانُ ٿو گهُرجي.

جڻ پيو قتل گاهَ ۾ گهاريان،
امن جو ڪو نشانُ ٿو گهُرجي.

دل تہ بي سمجھ ٻار وانگي آ،
دل کي تنهنجو ڌيانُ ٿو گهُرجي.

پيار انسانيت سان آ پنهنجو،
ڪو وڏيرو نہ خانُ ٿو گهُرجي.

گيت سرجن ٿا رتُ ولوڙڻ سان،
شاعري لئہ گيانُ ٿو گهُرجي.

□

## دردَ جا پٿر

اڪيون مَهتي پيجي آرس،
اُداسي ننڊ مان جاڳي،
سُتل سپ يادگيرين جا،
اُٿي طوفان تي آٽي،
وهيءَ جو پورُ تي چاٽي،
اڪين جو نورُ تي چاٽي.!
شفق جي سُرخ رنگيني،
ڪري ڳاڙها سپئي منظر،
هوا جا چاڪَ تي ڪولي،
سزا جا تاڪَ تي ڪولي.!
تَصورَ دردَ جا پٿر،
هٽن ٿا روح ڪي اُڇلي،
سدا پيڙا ۾ پورن جا،
وڃن ٿا ساهَ ۾ گهنگهرو،

مُقدر بدنصيبي جا،
سمورا طوق پيي لاهي،
وجهي دل جي ٻچڙيءَ ۾ ٿو.!
پُڇي اتهاس جي جرَ ڪان،
لتاڙي ڪربَ جون واٽون،
ڪٽي پيرا نراسائي،
نيون ٿي اذيتون آڇي،
تمنائون شرارن جئان،
دعا جي آڳ ۾ ٻاري،
نزاڪت جا چمن ساڙي،
ٻڌي ٿو وقت سوچن کي،
فنا جا ترورا آڻي،
چٽيندو تازگيءَ تي پيو،
انوکيون چاهتون پوڙي،
سموريون خواهشون پوڙي،
حياتي موت پائيندو.!
اکين ۾ جي نپايا هن،
سمورا سُرمئي سپنا،
مٽيءَ ۾ خاڪ ٿي ويندا،
نشانيون حسرتن جون سڀ،
پري ويندڀون،سڙي ويندڀون،
تواريخي قصا سڀئي،
ڪهاڻيون سڀ مري ويندڀون،
نہ غم جو نانءُ رهندو ڪو،

نہ ئي نيشان رهندو ڪو،
نہ ئي ٽُٽندا ڪڏهن تارا،
نہ ٿيندو چنڊ گرهڻ ڪو.!
اُجاري تات جا پاچا،
نپوڙي ذات جا پاچا،
وجهي آڪاش جي ٻُت تي،
خَموشين جا لَتا ڪارا،
ٿَڪل هن زندگيءَ جو سج،
سمندر ۾ ٻُڏي ويندو.!
سمندر ۾ ٻڏي ويندو.!

□

وقت سان گڏ ورڻ سِکون ٿا پيا،
ٿاهُ خود سان ڪرڻ سِکون ٿا پِيا.

ڏات وهندڙ نديءَ جئان آهي،
تار تنهن ۾ ترڻ سِکون ٿا پِيا.

عشق ٻارڻ بدن ۾ ٻاريو آ،
ٻاڻ اُن ۾ ٻرڻ سِکون ٿا پِيا،

ماتِ موڳو ڪري ڇڏي ٿي پر،
ماتِ ۾ ئي مرڻ سِکون ٿا پِيا.

شاعريءَ جي نفيس چولي تي،
پيرت فڪري پيرڻ سِکون ٿا پِيا.

سِڪَ جي آڪاش آبياريءَ ۾،
ڳَار وانگر ڳرڻ سِکون ٿا پِيا.

□

زندگي زندان آهي،
جنگ جو ميدان آهي.

ماڻهپو ماڻهو ڳهي ويا،
آدمي حيوان آهي.

سوچ چڙ ڪا لاٽ آهي،
روح روشن دان آهي.

رات ڪاريءَ مان اڪيلو،
راهہَ پيي سُنسان آهي.

پاڻ هرڪو پنهنجي من جو،
پاڻ ئي سلطان آهي.

بيوسيءَ ۾ بي حسيءَ جو،
روح ۾ طوفان آهي.

مرتبو ۾ ماڻُ منهنجو،
سنڌ ئي ايمان آهي.

مذهبي "آڪاش" چَر جو،
ڪاڄُ ٿيو انسان آهي.

□

درد کي ڳوهي وٺان،
پوءِ ٿو دل کي ڏسان.

عشق جي آهنگَ ۾،
مان پيو پچران، پچان.

عمر جي آڱر وٺي،
وقت سان گڏ ٿو هلان.

مان ڪَلا جي ڪيتَ ۾،
هاڻي ٿو ڦولارجان.

وقت جون آلودگيون،
روح تي آهن اجان.

ساپيا جي سٿَ سان،
خواب ٿو پنهنجا لُٽان.

پيو رُلي آڪاش تي،
چنڊ تنها مون جيان.

□

يار اڄ جي پيار تي،
پيار جي اظهار تي،
درد ٿو جاڳي پوي.

ٽالهہَ جي ڪنهن ٽال تي،
چير جي چمڪار تي،
درد ٿو جاڳي پوي.

دل ڪَڪائين آ جُهڳي،
سار جي وسڪار تي،
درد ٿو جاڳي پوي.

روشنين جي شهر ۾،
انڌ جي آثار تي،
درد ٿو جاڳي پوي.

حسرتون چڙهنديون رهيون،
مفلسيءَ جي دار تي،
درد ٿو جاڳي پوي.

روز ائين آڪاش چوي،
زندگيءَ جي تار تي،
درد ٿو جاڳي پوي.

☐

ڪونهي ڪو غمگسار موٽي آ،
ساھ آ سوڳوار موٽي آ.

ربط جا مئڪدا بہ پيتا پر،
ڪو نہ آيو قرار موٽي آ.

عشق آهي جبل تصور جو،
حُسن آ آبشار موٽي آ.

تون تہ آن پرھَ جي پهر جهڙو،
منهنجي نيڻن جا ٺار موٽي آ.

موت جو مختصر حياتي لئہ،
دار آهي تيار موٽي آ.

تيرَ تاڻيان ٿو پاڻ تي بيهي،
پنهنجو آهيان شڪار موٽي آ.

تو تہ آڪاش کي وساريو پر،
منهنجو پڄري ٿو پيار موٽي آ.

□

# پنجڪڙا

هوا جي بدن تي ها پوست جا وڍ،
هوا جي بدن کي ڪيو قيد ڪنهن،
اسان جي وطن کي ڪيو قيد ڪنهن،
چو لاٿن جي پويان هُئي ٻاٽ ڪڍ،
هوا جي بدن تي ها پوست جا وڍ.

□

سنڌ جي آبرو داڻُ گهُرندي رهي،
شهر جي چوڪَ تي ٻار هنج ۾ ڪٽي،
وقت جي باب تي داغ ڪارو هٽي،
پل ۾ جيئندي رهي، پل ۾ مرندي رهي،
سنڌ جي آبرو داڻُ گهُرندي رهي.

□

پاڻ کي پاڻ ۾ ڪيترو روڪجي،
حادثا حوصلن جا هَڏا ٿا ڀڃن،
سوچ معزور منهنجي ڪيون ٿا وجن،
قيد جيون جي باري ۾ ڇا سوچجي،
پاڻ کي پاڻ ۾ ڪيترو روڪجي.

□

تلخُ ٺورو مزاج آ منهنجو،
پيار ۾ امتزاج آ منهنجو.

ظلم، بيهودگيون، ڪڌيون رسمون،
گند سارو سماج آ منهنجو.

گُل خوشبوءِ وتان وکيريندو،
پيار ورڇڻ رواج آ منهنجو.

دانهنَ نڪري نہ ٿي نڙيءَ مان ڪا،
ماٺ ئي احتجاج آ منهنجو.

تون ئي آن مهربان، مسيحا تون،
تنهنجو درشن علاج آ منهنجو.

وارَ مون تي ڪيا پو ”بن قاسم“،
پهريون قاتل ”حجاج“ آ منهنجو.

□

# ترائيل

سوچن ۾ ساهن ۾ ويري پئجي وئي،
گهر جي آڳر کي چيريو ويو ڪوڏر سان،
رت وارن رشتن ۾ ويري پئجي وئي،
سوچن ۾ ساهن ۾ ويري پئجي وئي.

پاڙ ٽُڏيا ويا سڀ پنهنجي ئي نوڪر سان،
من جي احساسن ۾ ويري پئجي وئي،
گهر جي آڳر کي چيريو ويو ڪوڏر سان،
رت وارن رشتن ۾ ويري پئجي وئي.

□

درد دل ۾ شديد ٿيندو،
نانءُ تنهنجو جڏهن به ڪڇندو،
گهاءُ گهرو مزيد ٿيندو،
درد دل ۾ شديد ٿيندو.

يادگيرين جو هانءُ ڇڄندو،
وقت اهڙو يزيد ٿيندو،
نانءُ تنهنجو جڏهن به ڪڇندو،
گهاءُ گهرو مزيد ٿيندو.

□

پيار پيڙائن جي ماري،
زندگي آهي اُجاري.

چو پُنهوءَ پيري پُٺيان ٽي،
دربدر سسئي ويچاري.

سانوڻيءَ جي مند جهڙي،
تنهنجي منهنجي يار ياري.

شهر جي هر چوڪَ تي چو،
موت جو آ رقص جاري.

ڪوڙ جي ڏهڪاءَ آڏو،
سچ آهي باھ ٻاري.

ڇا چوان آڪاشَ توہن،
ڪنءِ حياتي آهي گهاري.

□

## تاريخ

اذيتن منهنجي وجود کي،
ياڱا ياڱا ڪري،
مون مان منهنجو روح،
ائين نپوڙي،
ڪڍي ڇڏيو آهي،
جئين هن دؤر جي آمر،
ڪنهن سورمي کي،
تاريخ جي ورقن مان،
ڪڍي ڇڏيو آهي.

□

## مقدر جون اکيون

نصيبن جي رحم ڪرم هيئان،
پلجندڙ زندگيءَ کان بهتر آهي،
تہ بدنصيبيءَ جو سينو،
چيري ڦاڙي،
مقدر جون اکيون ڪڍي ڇڏجن.

□

سِرَ سان نہ سَلڻ واريون، ڪنهن سان نہ ڪجاڻ ڳالهيون،
ڪئن پاڻ پيا گهاريون، ڪنهن سان نہ ڪجاڻ ڳالهيون.

احساسَ اندر جا چڻ ڪو ڪاٺُ جلائو هن،
ٻارڻ ڪي جڏهن ٻاريون، ڪنهن سان نہ ڪجاڻ ڳالهيون.

تعبير جي پنبڻين ۾ سپنن جا سُڪل ڳوڙها،
اکڙين مان ڪڏهن هاريون، ڪنهن سان نہ ڪجاڻ ڳالهيون.

سوچن جو مها ساگر چوليون جي هٺي من ۾،
لاحد جون حدون واريون، ڪنهن سان نہ ڪجاڻ ڳالهيون.

تقدير سان جهيڙيندي ۽ پاڻ کي ڳوليندي،
پنهنجا نہ وچن پاريون، ڪنهن سان نہ ڪجاڻ ڳالهيون.

ڏرتيءَ جي محبت ۾ ڪو دارُ قبوليندي،
توکي نہ سچڻ ساريون، ڪنهن سان نہ ڪجاڻ ڳالهيون.

آڪاش جي وسعت کي ورتاءُ حياتيءَ جو،
بي موت وجي ماريون، ڪنهن سان نہ ڪجاڻ ڳالهيون.

□

صدين جا اوجاڳا آهن اکڙين ۾،
سپنا جڻ ويڳاڻا آهن اکڙين ۾.

دردن ۽ پيڙائن جي آ رات لتي،
ڳوڙها پيي نيرانا آهن اکڙين ۾.

روز ورايان زندانن جا در ٿو پر،
قهر اجا پيي برپا آهن اکڙين ۾.

اکڙين جي رستي سان محبت ٿيندي آ،
دلڙين جا دروازا آهن اکڙين ۾.

تنهنجي تانگھ تڙپ ۽ تنهنجون ساروڻيون،
جڻ ڪي بڙچون پالا آهن اکڙين ۾.

رقص ڪري پئي فطرت جڻ چيرون پائي،
سندرتا جا سپنا آهن اکڙين ۾.

تاريخن مان جي ٻه مليا آڪاش اُهي،
گهاوَ اجا سي تازا آهن اکڙين ۾.

□

روز جيئي ۽ مري ٿو ڪوئي،
ياد توکي تہ ڪري ٿو ڪوئي.

تانگھہ جي تاءَ تپش ۾ اڪثر،
باھ وانگر ئي ٻري ٿو ڪوئي.

عشق جو سوز گُداز عجب آ،
ميڻ ٿي من ۾ ڳري ٿو ڪوئي.

قرب سان ڪو تہ وڍي ٿو ويھي،
زخم دل جا بہ ڀري ٿو ڪوئي.

موت جي پار ويا آھن جي،
تن مان ڪڏھين نہ وري ٿو ڪوئي.

عمر ڀر سُڌري نہ ٿو سو آڪاشَ!
ھڪڙو ڀيرو جو ڪَري ٿو ڪوئي.

□

”ايتري بي واجبي ڇو ٿا ڪيو!“
دوستن سان دشمني ڇو ٿا ڪيو.

پيار ۾ پاپوھ جا پُرزا ڪري،
پاپين جي پيروي ڇو ٿا ڪيو.

روپ ھڪ بهروپ پيو ڏاري پلا،
بي مُروت بندگي ڇو ٿا ڪيو.

مذھبن جي آڙ ۾ مهراڻ ڪي،
رتَ جي ريتي ندي ڇو ٿا ڪيو.

جنءَ ڪري ٿو چنڊ اُڀ تي رات ڀر،
خوابو! انءَ آوارگي ڇو ٿا ڪيو.

ضبط جي ڳوڙهن سان ڳوهيان ياد ٿو،
شهر جر ۾ تشنگي ڇو ٿا ڪيو.

ساھ سان گڏ ساڙ جا سوري سڳا،
پنهنجي من ۾ گندگي ڇو ٿا ڪيو.

□

# تاريخ جون سُرخ اکيون

سج جا ٻہ پاچا،
منھنجي وجود کي ٻہ،
ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيندا آهن،
اندر جي آتش فشان مان،
نڪرندڙ خوف،
ننڊ ۾ ٻہ خلل وجهي،
روح ڇرڪائي وجهندو آهي،
۽ ڇرڪَ،
خزان مثل آهن،
جيڪي سپنن جي تازگيءَ کي،
ڇپاڙي ڇڏيندا آهن،
شعور جي جارن تي،
لا شعوريءَ جو ڄارو چڙهيل آهي،
علم ۽ عقل تي،
انا قابض ٿي،
جهالت جنميندي آهي،

ظلم جا ٻُڪايل باز،
امن جو ماسُ پَٽي رهيا آهن،
قومي تحريڪ جي ٻِڇيءَ ۾،
ٻيوسيءَ جا ڳَٽَ،

۽ پيرن ۾،
غلاظت جا گھنگھرو آهن،
جيڪي تحرڪ جي،
اُصولن ۽ ضابطن جي،
پيچ ڊاهَ جا موجد آهن،
وقت جي هٿن ۾،
اونداهيءَ جو عالم آهي،
آزاد فضائن جي چيلھ،
چيڀي ٿي پئي آهي،
۽ تاريخ جون سُرخ اکيون،
هن دؤر جي آئيني کي،
حيرت مان ڏسي رهيون آهن.

□

الفتن جو امام آهيان مان،
پنهنجي راڌا جو شيام آهيان مان.

امن جي شاخ تي ٽڙيل گُل هان،
محبتن جو نظام آهيان مان.

حسنِ ادراڪُ ٿو چوي مون کي،
مُروتن جو قيام آهيان مان.

زنده جاويد ٿي ويس چو جو،
تنهنجي در جو غلام آهيان مان.

ڳول مون کي وفا جي کنڊرن مان،
عبرتن جو مقام آهيان مان.

□

## گيت

احساس جا ڪنڊڙيل موتي پوئڻ مان هاٺي چا ورنديءِ
روئڻ مان هاٺي چا ورنديءِ.

سسئي سهٽي وانگر تو ٻي چين ڦُرائي سور پرايا،
دردن هاٺيِ دلڙي پنهنجي ڌوئڻ مان هاٺي چا ورنديءِ،
روئڻ مان هاٺي چا ورنديءِ.

تنهائيءَ جو صحرا اربي ڏور ٻَراهان وچٽا ها ويا،
سڏڪن ڪي ساهن مان ويهي سوئڻ مان هاٺي چا ورنديءِ،
روئڻ مان هاٺي چا ورنديءِ.

جُهريل جيون جوڳيئڙو تي جهاڳي آيو نيٺ جهان،
رولاڪين جي تاريڪين ڪي لوئڻ مان هاٺي چا ورنديءِ،
روئڻ مان هاٺي چا ورنديءِ.

□

نفاست ۾ نزاڪت کي نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو،
ها! فطرت جي عنايت کي نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو.

صدين کان دانهَن ڏرتيءَ جي ڪنن ۾ پئي پُري ٿي پر،
غُلاميءَ جي غلاظت کي نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو.

ٻِيي لئہ ڪو سِکي ٿو پيو، ڪٿي هن طعام سينواريل،
سخيءَ جي ان سخاوت کي نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو.

گهڙيءَ تي ڀروسو ناهي گهڙيءَ کان پوءِ ڇا ٿيندو،
حياتيءَ جي ڳجهارت کي نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو.

مليا مرڪي مگر ماڻهو پُٺيءَ ۾ تير ڪوڙي ويا،
زماني جي عداوت کي نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو.

ويو آ ورياج جهڙي مرض ۾ ٿي مبتلا ماڻهو،
ندامت جهڙي لعنت کي نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو.

ٽڙڻ جي مند ۾ ڪومائجي وِيا هن شعوري گل،
بهارن جي بغاوت کي نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو.

□

مفلسيءَ جو بدن رهيو گهائل،
مخلصيءَ جو بدن رهيو گهائل.

ٿياس تي هون ٿنگيل تمنائون،
زندگيءَ جو بدن رهيو گهائل.

هر نئون سج اُماس جو قيدي،
روشنيءَ جو بدن رهيو گهائل.

نفرتن جي لباس ميري ۾،
بندگيءَ جو بدن رهيو گهائل.

گونچ ساڙيا ويا گلابن جا،
تازگيءَ جو بدن رهيو گهائل.

لفظ تڙپن ٿا سوچ جي رڻ ۾،
شاعريءَ جو بدن رهيو گهائل.

چيت آڪاش کي لڳي دل ۾،
عاشقيءَ جو بدن رهيو گهائل.

□

## تيڙو

تون سُر ۽ تون ساز،
تون ترنم تون راڳڻي،
مٺڙو تنهنجو آواز.

آيا ڪي ئي دؤر ،
سنڌو تنهنجي ڪُڪِ مان،
چاوا ڪي ئي مورَ.

اڄ بي چين صدائن،
توڙي ايندي مون تي،
تاڻيا تيرَ هوائن.

اهڙي تنهنجي چِڪَ،
توکي ڏسندي واٽ تي،
بيٺو آهيان ٽِڪَ.

□

## تيڙو

من ۾ تنهنجي مير،
صدين کان آهي رکيو،
سنڌوءَ سان تو وير.

اُڏمن جو آ ويل،
دنيا ڦاسي گهاٽ آ،
جيون آهي جيل.

سانجهيءَ جي اڄ ويل،
هڪڙي ننيڙي پار ڪي،
ڇيپاڻي وئي ريل.

جڏهن ايندو موتُ،
ملندي مون کي زندگي،
سامهون هوندو هوتُ.

□

نيڻ جڙ ڪا ندي خواب نيرڳ هئا،
۽ مُقدر شڪاري جي بندوق آ.

دؤر  بدذوق ماڻهن جو پاسو وٺي،
ذوق جي جسم تي گهاءَ آهن ڏنا.

دل جو ديبل لُٽيندا رهن پيا اجا،
دردَ آهن قزاقن جا جڙ قافلا.

مون جي انسان ڪي رب جو پاڇو سڏيو،
ڪُفر جا مون تي الزام عائد  ٿيا.

بي سُڪوني جو عالم هيو ننڊ ۾،
جاڳ اڻ ڪُٽ عذابن جي آ انتها.

ڪي ئي آڪاش اسلام جي آڙ ۾،
منهنجي ڌرتيءَ جي سيني ۾ خنجر لڳا.

□

ڪنهن قضا جي وقت کان ٿورو اڳي،
زندگي آ، انت کان ٿورو اڳي.

عشق جو پنهنجو انوکو ماڳ آ،
دار واري تخت کان ٿورو اڳي.

درد جا آهن ذخيرا جيءَ ۾،
پر بظاهر ضبط کان ٿورو اڳي.

ساپيا ٿي وَئي خدا جي خواب جي،
يوسفاڻي بخت کان ٿورو اڳي.

انتظاريءَ ۾ هُيون آسانيون،
آزمائش سخت کان ٿورو اڳي.

روح آ رهڙيو ويو آڪاش جو،
راهَ داري ربط کان ٿورو اڳي.

□

## احساس ڪمتري

هر روز شام جو،
اُجالن مٿان،
آهستي آهستي،
اونداهي پرَ پکيڙيندي آهي،
سورج مُکين جا ڪنڌ جُهڪي پوندا آهن،
پکي پنهنجن واهيرن ڏانهن،
واپس ورندا آهن،
پوري ڪائنات پنهنجي بدن تي،
ماتِ جو لباس اوڍيندي آهي،
۽ مان الائي ته ڇو،
احساس ڪمتريءَ ۾،
مبتلا ٿي ويندو آهيان،
دل شڪسته ٿي پوندو آهيان،
ان لاءِ جو
اونداهين مون کي هميشه ڏنپ ڏنا آهن.

□

سندر سپنن جا،
ڇوري جوپن جا،
ڏيئا ٽي ٻاري.

آشائون ٽاڪي،
دل ۾ دردن جا،
ڏيئا ٽي ٻاري.

نيريُن ندين ۾،
پنهنجن لڙڪن جا،
ڏيئا ٽي ٻاري.

تيز هوائن ۾،
جُهريل جذبن جا،
ڏيئا ٽي ٻاري.

تنهائيءَ ۾ ڪا،
ساٿن ساهن جا،
ڏيئا ٽي ٻاري.

اوندھ بستيءَ ۾،
روشن نغمن جا،
ڏيئا ٽي ٻاري.

ساحل تي "آڪاش"،
واريءَ گهرڙن جا،
ڏيئا ٽي ٻاري.

□

## غلامي

عيد جي پرهَ،
ننڊ مان اُٿي،
شبنمي لباس پهري،
فطرتي رنگن سان،
پاڻ سنواري آئي آ،
پوري ماحول جي طبيعت،
ننڍڙي ٻار جئان ٽي پئي آهي،
خوش مزاج، ڪيچلي،
۽ مُرڪن سان مهڪندڙ،
پر مون ۾،
منهنجي سنڌ جي،
غلاميءَ جو احساس،
تڙپي رهيو آهي.

□

ڪا ندي يا سُڪار آهيان مان،
ٻُڏتر جو شڪار آهيان مان.

روز ايذائي روح کي ٿي پئي،
جڻ حياتيءَ تي بار آهيان مان.

حوصلا همتون پيو ماريان،
پنهنجي من تي ڏڪار آهيان مان.

پاڻ ڏاهي وري پيو ناهيان،
اهڙو بي سمجهه ٻار آهيان مان.

پاڻ کي پاڻ ئي ٿو ڦاسايان،
ڪو مقدر جو چار آهيان مان.

پورڻ ۾ پيٽ ڏٽي عزيز اٿم،
سنڌ جو جانثار آهيان مان.

ائينءَ نظرون نہ ڦير او ساٿي،
تنهنجي ڳِچيءَ جو هار آهيان مان.

پيار ۾ امن جو هان پرچاري،
نينهنَ جو پڻ نڪار آهيان مان.

آجو آڪاش ديسُ ٿو گهُرجي،
آجپي جو اُپار آهيان مان.

□

تنھنجو پاڪر ھيو صرف سنسار ۾،
مون تہ عقبيٰ پَسيِ آ تنھنجي پيار ۾.

شاھ دارا بہ سِرڙو جُھڪائي ويا،
جي بہ آيا ويا عشق درٻار ۾.

ڪنھنجي نظرن ڪِريو جنءِ مري ٿو وڃي،
مات اھڙي نہ آ موت جي مار ۾.

مان تہ چاھيان پيو اي منھنجي زندگي!،
”جيت تنھنجي سدا، مان سدا ھار ۾“.

گيت شاعر بغاوت جا ڏي قوم کي،
چا رکيو آ حَسينن جي رخسار ۾.

سنڌ آڪاش صدين کان ڦتجي پئي،
روز يلغار آھي ڪا يلغار ۾.

□

## ڏيڍ سٽا

دستور نرالو آ،
هت پيار جي دنيا جو، منشور نرالو آ.

جا مُرڪَ ملي آهي،
چڻ ڏات سمندر مان، ڪا سُرڪَ ملي آهي.

هيءَ راند هُئي منهنجي،
پنهنجي ئي حياتيءَ سان، ويڙهاند هُئي منهنجي.

تهذيب اُجهامي ٿي،
هر روز هتي ناري، زرڪاڻ وڪامي ٿي.

بنواس پئي ڪاٽي،
جيون جي بدن تي چڻ، ڪا دردُ پئي ٽاڪي.

چاڪاڻ ستائي ٿي،
ڪا ياد اچي من ۾، مانڌاڻ مچائي ٿي.

آڪاش هيو زخمي،
صدين جي ڪٿائن جو، اتهاس هيو زخمي.

□

هر لَهر رقصان چانڊنيءَ ۾،
چنڊ وهنجي پيو نديءَ ۾.

عشق آ مهربان ٿي پيو،
مان تہ ماپان نہ ٿو خوشيءَ ۾.

روح ۾ ضم ٿي درد جنمي،
رات جي سانت زندگيءَ ۾،

ڀات ڪائي ٿي لات ڪي پئي،
جوت ڪانهي ڪا روشنيءَ ۾.

مان اڪيلو اُباڻڪو هان،
ساٿ ڏي راهَ اڻ ڏٺيءَ ۾.

جڻ تہ آڙاهَ ۾ ٿو پچران،
خودڪشيءَ جهڙي زندگيءَ ۾.

چا تہ آهي سُرور سائنڻ!
تنهنجي نيڻن جي مئڪشيءَ ۾.

مون ڪان آڪاشُ ڏور هوندي،
ساڻ آهي ڏُکيءَ سُکيءَ ۾.

□

## واپسي

وڇوڙي جي طويل،
عرصي کان پوءِ،
اڄ وري تنهنجي واپسيءَ،
اُداسي واري ماحول ۾،
مُرڪون پکيڙي ڇڏيون آهن.

□

## مفلسي

حسرتن جي نڙيءَ تي،
ننهنُ ڏئي،
مفلسيءَ،
خواهشن کي،
ڪُڪِ ۾،
ڪاتي هنئي آهي.

□

اضطرابن جي انتها آهي،
تو سوا زندگي بہ ڇا آهي.

حُسنڪاري اکيان جُهڪي پيارا،
سِرُ نوائي ڇڏڻ روا آهي.

عشق تعمير ٿو شعور ڪري،
عشق رهبر ۽ رهنما آهي.

اڻ ڳڻين آزمائشن جي حد،
وقت جيڏي ڏکھي اجا آهي.

حسرتن جي وفات ڪان پوءِ دل،
درد سان هاڻ آشنا آهي.

پاڻ آڪاش باوفا هوندي،
پنهنجي تقدير بي وفا آهي.

□

خود خُوديءَ ۾ خدا، ڪٿان آٽيان،
ابد جهڙي بقا، ڪٿان آٽيان.

بي بقا پنڌ جو هان پانڌيئڙو،
ماڳ مان لاڦنا، ڪٿان آٽيان.

مان تہ موسيٰ هان، طور سينا هان،
نيڻ جلوه نما، ڪٿان آٽيان.

واٽ تي رهبري بہ رولي پئي،
راهہَ ۾ رهنما، ڪٿان آٽيان.

تون بہ ناهين، نہ ڪا مسيحائي،
درد دل جي دوا، ڪٿان آٽيان.

پورو ماحول جا ڪري خوشبو،
توکي ڇُهندڙ هوا، ڪٿان آٽيان.

هر قدم، هم قدم هلي همدم،
دوستُ سو با وفا، ڪٿان آٽيان.

مان بہ آڪاش سان وجي گڏجان،
پَرَ مگر باز جا، ڪٿان آٽيان.

□

ڪوئي اجڙي ويل چمن آهيان،
سنڌ جي روح جو بدن آهيان.

ساھ مون ۾ ڪٽي ٿو ”استوپا“،
آئون موھن اندر دفن آهيان.

وقت بي واجبي ڪئي مون سان،
ميرو تاريخ جو ڪفن آهيان.

حقّ غاصب غصب ڪري ٿو پيو،
ڄڻ وطن ۾ جلاوطن آهيان.

ڪنهن شعوري اکيون ڪڍيون ”آڪاش“،
مان رَتو رت ٿيل گگن آهيان.

□

## مذهب

اکين تي مذهب جي،
ڪاري پَٽي ٻَڌي،
انسان جي عظمت کي لتاڙيندڙ!
جنت جي لالچ،
دوزخ جي ڊپ،
وهم ۽ وسوسن جي ور چڙهي،
پنهنجي ادراڪ تي،
ڪٽ چڙهڻ نہ ڏي،
ڇو تہ،
سچل جهڙو سهڻو شاعر،
توکي اڳ ئي چئي ويو آهي،
”مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو مُنجهايا“

□

پورَ اُسري ويا،
سورَ نسري ويا.

برهَ جي بَرَ مٿان،
دردَ اُڀري ويا.

مون کي ٻُڏندو ڇڏي،
پارَ اُڪري ويا.

وقت جي باب جا،
گهاءَ وسري ويا.

ننڊ جي واٽ ۾،
خواب وکري ويا.

سونهنَ جا قافلا،
پَر مان گذري ويا.

اُڀَ کان ڀي مٿي،
هو تہ اُڏري ويا.

□

ڪنوٽيون ڪجيون رات،
برسي پئي برسات،
يادون تازيون ٿي پيون.

تنهنجن سارن جي ڦُٽي،
ساهن ۾ سوغات،
يادون تازيون ٿي پيون.

خوشبو مٽيءَ جي اُٿي،
تڙپايو تئين تات،
يادون تازيون ٿي پيون.

سانوڻ جي گجگوڙ سان،
جاڳي پئي جذبات،
يادون تازيون ٿي پيون.

من ڪي پيهر جنءِ ملي،
مينهوڳيءَ ۾ مات،
يادون تازيون ٿي پيون.

اُڏمن سان آڪاش جي،
جرڪي پئي محلات.
يادون تازيون ٿي پيون.

□

خيال ۾ خيال آ،
خيال لازوال آ.

اکين جو جام ڏي پيان،
اکين جي مئہ حلال آ.

حَسين هر شباب ۾،
جلال جو جمال آ.

نہ پيار جا اُجهاءِ ڏيئا،
اڃي ئي من ملال آ.

پرينءَ جي ڳالھ جا ڪجي،
پرين تہ بي مثال آ.

سياءُ سادگيءَ سندي،
ڪا ديد باڪمال آ.

□

## مايا

مايا،
اکين کان خواب،
چپن کان مُرڪون کَسي،
احساسن جو رتُ وهائي،
ٻ رشتن جو روح،
قبض ڪري سگهي ٿي،
پر دلين جي سلطنت،
ڪڏهن بہ فتح نہ ٿي ڪري سگهي.

□

نا اُميديءَ جون وسعتون لتجن،
پنهنجون مايوسيون ڪٿي متجن.

وقت ٿو حرمتون لتاڙي پيو،
حوصلن جون اکيون نہ ٿيون پٽجن.

موت جهڙي حيات آ پو پي،
زندگانيءَ جا غم نہ ٿا گهٽجن.

تيرَ پنهنجي ڪِروڌ تي تاڻي،
ڪئينءَ احساس واڻجن، وٽجن.

من جي اونداهين سندا ڳيرا،
جوت جو باز ٿي اچي جهٽجن.

پنهنجا آڪاش درد سان هاڻي،
ڪهڙا ناتا ۽ رابطا ڪٽجن.

☐

هڪڙو ماڻهو موتيءَ داڻو،
منهنجي دل جو آهي راڻو.

عشق اسان جو مذهب آهي،
مُلان، پنڊت پاڻ ۾ چاڻو.

پاڻ خوديءَ کي پيڙهيون پيا ٽا،
جيون پنهنجو آهي گهاڻو.

پيڙائن جي پاپ نگر ۾،
دل جو ديبل ٿي پيو ساڻو.

آس کٽي آيا هون مئہ جي،
ساقي ٿورو ڪرڪو ٽاڻو.

رئيس وڏيري جي لئہ هر جاءِ،
”ڪچريءَ جو ڪونو“ آ ٽاڻو.

□

دهشت جو ڌڪاءُ،
ڌرتيءَ سان انياءُ،
وڌندو آيو وقت سان.

تاريخن جي روح ۾،
تاريڪيءَ جو گهاءُ،
ڌرتيءَ سان انياءُ،
وڌندو آيو وقت سان.

صدين جي تهذيب ۾،
تمدن جو ڪُرلاءُ،
ڌرتيءَ سان انياءُ،
وڌندو آيو وقت سان.

بيوس، بيحس قوم جو،
سورن سان سرچاءُ،

ڌرتيءَ سان انياءُ،
وڏندو آيو وقت سان.

اُپَ ڪي ڏاري ٿو پيو،
پُرندڙ ڪو پڙلاءُ،
ڌرتيءَ سان انياءُ،
وڏندو آيو وقت سان.

ڌارين جي يلغار جو،
تن ساڙيندڙ تاءُ،
ڌرتيءَ سان انياءُ،
وڏندو آيو وقت سان.

جهُرٽو ٿي آڪاشُ پيو،
جهُرٽو هيءُ سوداءُ،
ڌرتيءَ سان انياءُ،
وڏندو آيو وقت سان.

□

دشمن جو هر داءُ وسيم
گهرو ڏَئي وِيو گهاءُ وسيم

پورَن کي پرچائي ڪر تون،
سورَن سان سرچاءُ وسيم

سَپنن جي ساهَن کي آهي،
ساپيا جو سوداءُ وسيم

احساسَن جو رِڻ وِيو پاري،
تنهائيءَ جو تاءُ وسيم

عمر سڄي پنهنجن غلطين جو،
پيڙهيندو پڇتاءُ وسيم

ڪا نہ ڪڏهن ڪَنَ تي پِيو ڪنهنجي،
سنڌڙي جو ڪُرلاءُ وسيم

نيت ڪٽي ورندو سرهاڻ،
آزاديءَ جو واءُ وسيم

□

## زندگيءَ جو ٽيون حصو سچ

اڪيلائيءَ جي رڻ ۾،
مان پاڻ کي ڪٿي،
وڃائي آيو آهيان،
اکين جي جَرَ تان،
خوابن جا پکي،
اُڏامي ويا آهن،
اُميدن جي وڻن جو پورُ،
سُڪي ڇڻي ويو آهي،
فصاحت ۽ بلاغت کي،
غلاظت ڳھي رهي آهي،
۽ مقدر بدنصيبيءَ جو،
بي ڪفن لاش ٿو اوڳاڇي،
غلامي مُئل ڍور نما آهي،

جنهن جي بدبوءِ،
پوئين صديءَ جي پيري سان،
هن صديءَ ۾ پهتي آهي،
قومي ڌارا ۾،
ڌڙن جي لڳل سُرنگهہ،
رهبرن جي مُفادن جي ٽوهرن جي،
جنم پومي آهي،
ڪاري رات،
سوچن جي لاٽن جا،
ڪنڌ لاهي رهي آهي،
روح جسم جي قيد ڀوڳيندي،
هاڻي ٿڪجي پوڙهو ٿي پيو آهي،
ءِ مان عمر جي پرهَ پوئتي ڇڏي،
شام جي جزيري تي پهتو آهيان،
جتي زندگيءَ جو ٽيون حصو سڄ،
لَهي ويو آهي.

□

حالتن ڪان فرار تي ڏسجي،
زندگي، بي قرار تي ڏسجي.

ربط جي شور جا ڇني گُهنگهرو،
مات جو ريگذار تي ڏسجي.

خواب ۾ خواهشون سيئي ساڙي،
خاڪ ۾ خاڪسار تي ڏسجي.

خود وڃائي ڪري خودي پنهنجي،
بيخوديءَ جو شڪار تي ڏسجي.

ناخدا جي اڳيان جُهڪائي سِرُ،
ٻتڪدن ۾ شمار تي ڏسجي.

هاڻي آڪاشَ ڇا بچو تو وٽ،
ڇو اجا اشڪبار تي ڏسجي.

□

## پڇتاءَ جي دز

طبيعت جي تيزي،
رڳن ۾ شامل ٿي،
مون ۾ رَتَ وانگر،
ڊوڙندي رهندي آهي،
لهجن ۾ تلخين جا،
ڪنڊا ڦُٽي پوندا آهن،
نه چاهيندي به،
ڪيترين ئي دِلين جا،
ڪوٽَ، قلعا ڊاهي،
پَٽُ ڪري ڇڏيندو آهيان،
جنهن ڪان پوءِ،
منهنجو خمير مون ڪي،
پڇتاءَ جي دز ۾ دفن ڪري،
روح کي لوئيندو رهندو آهي.

□

دوستَ ئي راهَ ۾ رکي پٿرَ،
تهمتن جا هڻي ويا نشترَ.

ڪنهن مسيحا اچي هنيا آهن،
اذيتن جا وجود ۾ خنجرَ.

روح شمشان، جسم هو ميت،
زندگي دردَ جي هُئي ڪا ڇَرَ.

ظلم ڪڏهين نہ سنڌ ۾ ٿئي هان،
سَنڌِ اتحاد جا سُڪل ها پَرَ.

فڪر آڪاش جو پرورڻ هيو،
سُرخ آهن سڀيئي پَسمنظرَ.

□

ظلم جي آڪاس کي ڪاڏي کيان،
سنڌ جي اتهاس کي ڪاڏي کيان.

حسرتن جو دم نہ ٿو نڪري اجا،
زندگيءَ جي ٽياس کي ڪاڏي کيان.

ڪنءِ چڏايان پاڻ پنهنجو پاڻ کان،
عمر جي بنواس کي ڪاڏي کيان.

مان وجي سُکَ ۾ پوان پر ناخدا،
آس کي، احساس کي ڪاڏي کيان.

درد ٿا آڪاش تي رقصان رهن،
ياد جي انگاس کي ڪاڏي کيان.

□

عقيدت ۾ مزو ناهي،
اذيت ۾ مزو ناهي.

سفر جي آ ٿڪاوٽ ۾،
طبيعت ۾ مزو ناهي.

عمل سان علم ايندو آ،
نصيحت ۾ مزو ناهي.

حياتي موت جهڙي آ،
مُصيبت ۾ مزو ناهي.

بظاهر ٿو پيو مهڪان،
حقيقت ۾ مزو ناهي.

□

## ٽيڙو

جيون جو هي جهول،
خالي خالي ٿو لڳي،
پينوءَ جو ڪشڪول.

سُپرين جي چڙ سارَ،
لٽڪي پئي آ ڪنڌ تي،
تيز تکي تلوارَ.

ڪنڊا ڪنڊا راهَ،
هاري ۽ مزدور جو،
مستقبل اونداهَ.

منهنجي زارو زار،
پيرَ سنڀالي ڪڙ مٿا،
ماڻهو ٿئي گِرنار.

□

# جنت جي جستجو

اڄ ي اوبي سمجهه مُلان،
مان توونگر،
جنت جي جستجو ۾،
فرقيواريت جي گندگيءَ ۾،
لهڻ نه ٿو چاهيان،
جنهن ۾ انسانيت جي،
بي حُرمتي ڪئي وڃي،
بندگيءَ جي روح کي مسخ ڪيو وڃي،
اهڙن ڪُڏن عملن عيوض،
حاصل ٿيندڙ جنت،
توکي مبارڪ.

□

سورَ پنهنجا سليون رات پير،
روح ڪنهن سان رَليون رات پير.

جاڳَ جا پنڌ جهاڳن پيون،
هي اڪيون بي پليون رات پير.

ٿڪَ تنهنجا ها پُرندا جتي،
بن هُيون سي ڳليون رات پير.

آگرين ۾ ڏئي آگريون،
هيڪلايون هَليون رات پير.

پورَ تنهنجا پيا، دل جَليِ،
ڪائناتون جَليون رات پير.

منَ ڪي آڪاش ويڙهي ويون،
درد غم جون وَليون رات پير.

□

يادگيرين جو ماسُ ڪوريان ٿو،
مدتن ڪان عذاب پوڳيان ٿو.

نفرتن جي زمين کي کيڙي،
قربتن جا گلاب پوکيان ٿو.

ڇو نصيبن جي ريگذارن ۾،
پنهنجي رولاڪين کي روليان ٿو.

ڳَتَ ڳچيءَ ۾ وجهي غلامي جا،
لوڙ آزادگيءَ جي لوڙيان ٿو.

هاڻ ڏسڻو رڳو اهو آهي،
ڪيسيتائين خوديءَ کي ڳوليان ٿو.

اڄ تہ آڪاش هان، اڳي ڇا هُيس،
۽ سپاٽي نشان، سوچيان ٿو.

□

سونهنَ سان سرشار منهنجي شاعري،
سنڌ جو سينگار منهنجي شاعري.

دوستن جي لئہ گُلن جو هار آ،
دشمنن تي وار منهنجي شاعري.

منهنجو هر هڪ شعر ضامن حقّ جو،
سچَ سان ٿمٿار منهنجي شاعري.

عشق جي آميزشين جي شرف سان،
ٿي وئي شهڪار منهنجي شاعري.

جذبا پيي رقصان خيالن ۾ هُئا،
نينهنَ ۾ نروار منهنجي شاعري.

ڪير ٿر جيڏا رکي ٿي حوصلا،
عزم سان ٽِمٽار منهنجي شاعري.

زندگيءَ جي راهہَ تي مون سان رهي،
هر قدم هموار منهنجي شاعري.

□

ماڻهو ماڻهن جهڙا ڪوڙ،
ساهڙ جي آ مون کي لوڙ.

چاڙ بخيا جيون جا اُڊڙيا،
دردن جي آ دل ۾ ڊوڙ.

اڪڙين جي ساگر ۾ آهن،
ڳوڙهن جي ندئُن جا چوڙ.

ڏڪڙن جي بازارن ۾ هٽ،
خوشين جي مان ڏيان ٿو ووڙ.

منهنجي ٿر جو ساهُ اُجو آ،
ڪئينءَ ڀڏان گهوٽن کي موڙ.

ڪاٽيندڙ خود ڪٽجي ويندا،
پنهنجا رهندا جوڙان جوڙ.

□

# بيت

ڪا نہ رهي محفوظ آ، ڪنهنجي لڄ لوئي،
ڇا پڏندو ڪوئي، ”دانهون منهنجي ديس جون“.

”دانهون منهنجي ديس جون“، تلوارن جا تاءَ،
گهرا آهن گهاءَ، صدين جي تاريخ جا.

صدين جي تاريخ جا، ريٽا آهن رنگَ،
ڌرتيءَ جا اڄ دنگَ، اوڏهي ڪائي ٿي پئي.

اوڏهي ڪائي ٿي پئي، سنڌڙي جو سوداءُ،
جيجل منهنجي ماءُ، سورن ۾ آ ساٿيو.

سورن ۾ آ ساٿيو، ڪو بہ نہ آ آگاهُ،
ساڻو منهنجو ساهُ، ٿر جي ڌرتيءَ وانگيان.

ٿر جي ڌرتيءَ وانگيان، هيسيل آهي هاڻءُ،
جيئڻ جو ئي ڏاڻءُ، وسري ويو آڪاش ڪان.

□

جيون ۾ اُداسين جا انبار ڪتان آيا،
مون گُلَ هيا پوکيا، هي خار ڪتان آيا.

ساهن جي جهروڪن ۾ جذبن ۽ جوالن جا،
موهن جي ڪتا وانگي شهڪار ڪتان آيا.

هڪ گهور وجهي گهائي ڇڻ ساهه وئي پائي،
سرتيءَ جي نگاهن ۾ انوار ڪتان آيا.

عاشورِ اڪيلائي، دردن جي عزاداري،
بي لوث محبت ۾ آزار ڪتان آيا.

سوچن ڪي ولوڙڻ جي جنهن سگهه ڏني آهي،
تنهن ذات جا الهامي اسرار ڪتان آيا.

پوپٽ جي پرن جهڙي رنگين مقدر ۾،
آڪاش اُماوس جا آثار ڪتان آيا.

□

اڪڙين ڪي اوجاڳن سان هموار ڪري ويو ڪو،
شيشن جا هُيا سپنا، سنگسار ڪري ويو ڪو.

احساس نهوڙي ۾ دلين جا ڇني ناتا،
دردن سان حياتيءَ کي سرشار ڪري ويو ڪو.

ڏئي روح جزيري کي تنهائي جي سرگوشي،
جيون کي اُداسين سان ٽِمٽار ڪري ويو ڪو.

هن عشق مجازي ۾ الهام کي اوتيندي،
ويراڳ جي وستيءَ تي وسڪار ڪري ويو ڪو.

تاريخ جي ورثن کي پيرن ۾ لتاڙيندي،
تهذيب تمدن تي اچ وار ڪري ويو ڪو.

□

چا تون چاڙين ٿو،
تنهائي چاهي،
مقتل جنءِ آهي.

سيج ڪنڍن جي دل،
ڪنولن جي ناهي.
مقتل جنءِ آهي،

من جو ڪچّو گهر،
درد پيو ڍاهي،
مقتل جنءِ آهي.

سڌ جو ورنائي،
ڪير هتي آهي؟
مقتل جنءِ آهي.

جيون ڪي پيهر،
ڪير وري ٿاهي،
مقتل جنءِ آهي.

پيڙا جو آيس،
لابارو لاهي،
مقتل جنءِ آهي.

□

فطرتي حُسن جي اطاعت آ،
مون ڪئي عشق جي عبادت آ.

ناخدا ۾ خدا ڏسي ويٺا،
جنهن ڪئي بي پناه چاهت آ.

جو بہ ڪرٽو هجي ڪري وٺجي،
زندگي موت جي امانت آ.

نيڻ واهڙ جئان وهي آيا،
درد جي پوڏ جي علامت آ.

مان بہ ڳٽجان پيو ٿو ماڻهن ۾،
وقت اهڙي ڏني ندامت آ.

منهنجي آوارگيءَ جي نيڻن ۾،
نينهنَ جنمي اڃي نفاست آ.

ذات منهنجي ۾ روحڙو ڦوڪي،
ڏات مون تي ڪئي عنايت آ.

مان وڃائي پو هوش ويهندو هان،
تنهنجو مرڪي ڏسڻ قيامت آ،

تنهنجون آڪاش روز جون ديريون،
روز توکان اها شڪايت آ.

□

## ترائيل

مينهنُ من جي اُنو ٿر مٿان،
ديد دل جي ٺري آ پئي،
مور وينو اچي گهر مٿان،
مينهنُ من جي اُنو ٿر مٿان.

باغ ۾ ٿي بهاري وئي،
ڪي ٺي نڪريا ڪنول جر مٿان،
ديد دل جي ٺري آ پئي،
مور وينو اچي گهر مٿان.

–

ساهَ جي تند جي ٽُٽي پوندي،
زندگيءَ جو مَحل ڊهي ويندو،
دردَ مان جند ئي ڇُٽي پوندي،
ساهَ جي تند جي ٽُٽي پوندي.

آشنائيءَ جو سج لهي ويندو،
چين جي لاٽَ پو ڦُٽي پوندي،
زندگيءَ جو مَحل ڊهي ويندو،
دردَ مان جند ئي ڇُٽي پوندي.

□

پنهنجا چني چڏيا هن،
رشتا چني چڏيا هن.

جڻ پاڻ ڪان ئي پنهنجا،
پاڇا چني چڏيا هن.

هڪ هڪ ڪري اُڏيا جي،
سپنا چني چڏيا هن.

هجرِ فراق دل جا،
ڏاڳا چني چڏيا هن.

بي ضبط جيءَ ڪان سڀ،
جذبا چني چڏيا هن.

ذهني سُڪون سان پي،
ناتا چني چڏيا هن.

احساسِ برتريءَ جا،
ڪتبا چني چڏيا هن.

آڪاش جا اڪين سان،
ٽاڪا چني چڏيا هن.

□

## غلامي جي بوءِ

مان اُهو مُسافر پکي آهيان،
جنهن جا پَرَ،
وقت جي جلادن،
ڪنهن تيز ڌار ڇُري سان،
ڪتي وڌا آهن،
مون کان آڪاش جي بلندين تي،

پرواز ڪرڻ جا،

حق ڪَسي ورتا آهن،
مون کان جيئڻ جي آسَ ئي،
ڪَسي ورتي آهي،
هاڻي منهنجو دم ٿو گهُٽجي!،
جيئڻ جون خواهشون،
پُري پورَ پورَ ٿي ويون آهن،
هڪڙي پل جي خوشي بہ،
اذيت بڻيو ٿي پوي،
ڪو نہ کپي!،
ڪو نہ کپي اهڙي روشني،
جنهن ۾ پنهنجا ئي عڪس،
پاڻ مٿان ٿوڪَ چٽرون ڪن،
ڪو نہ کپي اهڙي بندگي،
جنهن جي موتَ ۾.
ڏڪارت ئي ڏڪارت ملي،
ڪو نہ کپي اهڙي زندگي،
جنهن مان غلامي جي بوءِ اچي.

□

ٿيو بحث علم عاقل سان ڳچپل هُيو،
پر عشق ڳالھ پنھنجيءَ تي اٽل هُيو.

هر وِکَ حادثن جو تي شڪار آ،
هيءَ زندگيءَ هُئي، يا ڪو اجل هُيو.

هڪ عمر جي مُسافت ئي ڪٽي هُئي،
هي روح ازل جي ٻَرَ جو ٽڪل هُيو.

چچري ويو تمدن جو وجود ڪو،
تھذيب جو بہ سِرُ ڏڙ ڪان لٽل هُيو.

ڇاڇا عذاب ڀوڳي ڀونءِ تي پئي،
ڇالاءِ سنڌڙيءَ جو تَرُ تتل هُيو.

جاڳي بہ ڪنءِ ڀلا رهبر جي رهبري،
خود ننڊ نيستيءَ ۾ جو وتل هُيو.

آڪاش جو تخيل سنڌ جي متي،
پر يارُ پيارُ ڀي منھنجو غزل هُيو.

□

هُن پار زندگيءَ جي اُڪري وڃان متان مان،
گڏ وقت ساڻ توکان وسري وڃان متان مان.

واپس جتان ورڻ جي ڪا واٽ ئي نہ ڏسجي،
اُن ڪان گهٽو ئي اڳتي نڪري وڃان متان مان.

پارس وجود تنهنجو، مان لوهہ ڪو ڪٽيل هان،
تنهنجي ڇُهڻ سان سائنڻ نڪري وڃان متان مان.

ڏاتر نزول ڪندو جي ڏات جا صحيفا،
جڳ ۾ ڪنول جئان پو اُسري وڃان متان مان.

انڌي سماج ڪان هي آڪاش آهي باغي،
باغين ڪي پير ۾ آڌيو، وڪري وڃان متان مان.

□

پورن ۾ آ پاھُ،
ساٽو ساٽو ساھُ،
ٿر جي ڌرتيءَ وانگيان.

تڙپي ۽ ڦٿڪي پيو،
اٽپورو اُتساھُ،
ٿر جي ڌرتيءَ وانگيان.

يادن جو برسات ۾،
وڏندو آ ويساھُ،
ٿر جي ڌرتيءَ وانگيان.

نِتهڻ آهي زندگي،
ڪوسو ڪوسو چاھُ،
ٿر جي ڌرتيءَ وانگيان.

ڏسجي پيو ٿو پونءِ جو،
آئيندو اونداھُ،
ٿر جي ڌرتيءَ وانگيان.

اونداهين جي راڄَ سان،
ناهي پنهنجو ناھُ،
ٿر جي ڌرتيءَ وانگيان.

□

ڪا هيرَ هُئي جهرمر،
تاسيرَ هُئي جهرمر.

جي خواب ڏٺا تن جي،
تعبيرَ هُئي جهرمر.

جاتي ٻه پُڳيون نظرون،
سا ويرَ هُئي جهرمر.

جا عمر سهيڙي سا،
تحريرَ هُئي جهرمر.

مون عڪس چٽيا ها پر،
تصويرَ هُئي جهرمر.

مان ٿي نہ سگهيس تنهنجو،
تقديرَ هُئي جهرمر.

خاموش غلاميءَ جي،
زنجيرَ هُئي جهرمر.

□

هي سوچ روا ناهي،
آزاد فضا ناهي.

چو سنڌ وطن پنهنجو،
آزاد خدا ناهي.

ڪڏهين بہ عقيدت جو،
سجدو ٿيو قضا ناهي.

مَڪار مُنافق وٽ،
تعظيمِ وفا ناهي.

جذبن کي جُهڪائي جا،
اهڙي ڪا سزا ناهي.

هوءَ ائينءَ سلهاڙيل آ،
جنءِ ساهُ جدا ناهي.

منصور حقيقت آ،
ڪا ڏند ڪٿا ناهي.

آڪاش جي ويڙهي ۾،
ٿوري بہ هوا ناهي.

□

دل جي هر ڌڙڪن،
پياسو آ تن من،
واريا سو جيون.

”هيڪل ۽ وياڪل“،
جذبن جـو جوڀن،
واريا سو جيون.

منهنجون ٿيون مون ۾،
تـنهـايون تـڙپـن،
واريا سو جيون.

ساهـڙ جي سِڪَ ۾،
سُڏڪيو آ ساهـن،
واريا سو جيون.

توهَــر ٿو ارپـــي،
احساسن جو بن،
واريا سو جيون.

آڪاشُ سمورو،
پايان ٿــو توبن،
واريا سو جيون.

□

درد پيي خود هُئي، طبيب هُئي،
زندگي دوستو عجيب هُئي.

هُن کي هُن جي حصي مليا ڳوڙها،
مون جئان هوءَ بہ بدنصيب هُئي.

سنڌ وانگي امير هوندي پيي،
دل تہ ڏاڍي سندم غريب هُئي.

ربط جنميو آ مُشڪلاتن کي،
هيڪلائيءَ منهنجي حبيب هُئي.

سارَ آڪاش جي سدا سُرهي،
ساهہ کان پيي گهڻي قريب هُئي.

□

# سُڏڪن جا پڙڏا

شهر جي شورَ،
زندگيءَ جي ڪَنن جا،
پردا ڦاڙي ڇڏيا آهن،
روح ۾ بي سُڪونيءَ جو،
عالم برپا آهي،
ماڻهن جي ريگذارن ۾ هلندي،
احساسن جا پيرَ،
ڦٽجي پيا آهن،
نفرتن پنهنجائپ جون،
نخون ويڙهي ڇڏيون آهن،
۽ دلين جا پڌرا پَٽَ،
انائن جي اُسُن ۾،
سڙي رهيا آهن،
چاهتن جي ڳچيءَ ۾،
مجبورين جا ڳٽَ،
۽ حسرتن جي پيرن ۾،
مفلسيءَ جا زنجيرَ آهن،
زمين کان عرش تائين،

جنم ونندڙ انيڪ،
وارتائن جون وُسعتون ڪٽي،

مان ازل ۽ ابد جي،
وچ واري صليب تي،
ٽنگيو پيو آهيان،
سماج جي ڇهري تي،
ذلتن جي آميزشين جو،
نقاب چڙهيل آهي،
هوا جي نَڪَ ۾،
ناڪيلي آهي،
حقن جي سُرياٽن تي،
ڪرفيو چڙهيل آهي،
سدا بهار آدرش،
ٻُڪَ جي باهہَ ۾،
سڙي خاڪ ٿي ويا آهن،
حوصلا مايوسي جي مونن ۾،
مُنهن هنيو ويٺا آهن،
۽ منهنجن ساهن ۾ مسلسل،
سُڏڪن جا پڙاڏا،
پُرندا رهن ٿا.

□

ڪٽڻ سان ئي ڪِري عينڪ،
پڇي دل جي پئي عينڪ.

اکين تي وقت پاتي آ،
قضا جي ڏُنڏلي عينڪ.

مُقدر جي هُئي ٽڙڪيل،
ملي جا عمر جي عينڪ.

تڪي ٿو حُرمتن کي پيو،
کوا ڏ نَڪَ تي رکي عينڪ.

نظر کي وُسعتون ارپي،
ڏِئي ٿي تازگي عينڪ.

قلم ۽ شاعريءَ وانگي،
رکي آ دوستي عينڪ.

□

درد جو در ڏئي ڇڏيو آهي،
دل تي پٿر رکي ڇڏيو آهي.

پنهنجي وجداني ڪيفيت اندر،
مون خدا کي ڏسي ڇڏيو آهي.

اذيتن جو جهانُ جهاڳيو آ،
ٿَڪَ، بدن کي پيچي ڇڏيو آهي.

زهر سُقراط جي پيالي مان،
ٿورڙو مون بہ پي ڇڏيو آهي.

موتُ پيليندو زندگي، تنهن کان،
حسرتن کي لُٽي ڇڏيو آهي.

وقتَ آڪاشَ آشنائن سان،
رابطو ئي ڇني ڇڏيو آهي.

□

## سچ

جنءِ تون سچ آهين،
تنءِ تنهنجي فطرت بہ،
ماڪَ جي ڦُڙن جئان،
اُجري آهي،
پاڪ، صاف، شفق جهڙي،
۽ اهڙيون،
پيون ڪيتريون ئي،
تنهنجون ڏنل،
تو جهڙيون نشانيون،
منهنجي پنهنجي بي ڌيانيءَ سبب،
مون کان گُم ٿي ويون آهن.

□

منهنجي تدفينَ ٿي، هليا ويا هو،
قُل پڙهي، گُل رکي، هليا ويا هو.

وُسعتن جي وشالتا جيڏي،
هيڪلائي ڏئي، هليا ويا هو،

آزمائش جي وات تي آڻي،
کي وِڪون گڏ هلي، هليا ويا هو.

مون کي ساري، ڀ تي ڏئي سُڏڪا،
مينهنَ وانگر وسِي، هليا ويا هو.

مون کي آڪاشَ ماٺ جو بن ڏئي،
پنهنجو پيرو کَٽي، هليا ويا هو.

□

نہ جنهن ۾ تازگي آهي.
اُها چا زندگي آهي.

دلين جي درسگاهن ۾،
انوکي دلڪشي آهي.

چِڙيا هن آجپي جا سُرَ،
هوا ۾ نغمگي آهي.

وفا جي آبشارن تي،
لٿي چڻ تازگي آهي.

ٿنگي مون ٿياس تي جذبا،
ڪئي چڻ خودڪشي آهي.

صدين کان ٿر جئان من جي،
اُجاري مخلصي آهي.

منهنجي آڪاش جيون ۾،
فقط تنهنجي ڪمي آهي.

□

# برسات جي مند

جئين ءَ جئين ءَ،
برسات جون ڪَڻيون،
تنهنجي جسم تي،
پونديون پئي ويون،
تئين ءَ تئين ءَ،
تنهنجو لباس،
تنهنجي بدن سان،
چنبڙندو پئي ويو،
۽ تون،
ڪنهن حَسين واديءَ جو،
ڪو حَسين ڏيک ڏئي رهي هُئينءَ،
۽ اڄ مون ڪي وري،
اُنهيءَ برسات جي مند جو،
بي صبريءَ سان انتظار آهي.

□

حيات جي تلاش ۾ خوديءَ کان لاپتا هُيس،
مان عمر پر عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا هُيس.

اکين جا خواب زرد ٿي اکين منجهان ڇٽي ويا،
نصيب جي بهار ۾ خزان جي ڇڻ هوا هُيس.

خوشين ڪيو نہ پنهنجو ءِ غمن بہ آ ٿُڏي ڇڏيو،
مان خار دار تار ياء اڻ ڪيل خطا هُيس.

اُماس جي لباس آ وجود جو بدن ڍڪيو،
مِياڻ ۾ مري ويل تڪي ترار ڪا هُيس.

ڇُري پُري نہ ٿو سگهان، ڪُڇي بہ ڪجهہ نہ ٿو سگهان،
مٿيءَ جئان پُران پيو، ڪنهن ڏوهہَ جي سزا هُيس.

□

دل لڳي وسري وئي آ،
دلبري وسري وئي آ.

زندگيءَ جي وٿ وَٿان ۾،
عاشقي وسري وئي آ.

اڄ ڏِڻن ۾ دوستن ڪان،
دوستي وسري وئي آ.

دار جي ديوانگي آ،
زندگي وسري وئي آ.

پيار جو سُر ڇيڙ ساٿي،
راڳڻي وسري وئي آ.

مفلسيءَ جي موسمن ۾،
تازگي وسري وئي آ.

عمر جي آلاپ کان ڇڻ،
هر خوشي وسري وئي آ.

قوم کان موهن دڙي جي،
ناچڻي وسري وئي آ.

مئڪدا ناراض آهن،
مئڪشي وسري وئي آ.

ڏات وئي آ ڏانءَ سان گڏ،
شاعري وسري وئي آ.

□

## آسمان

بيحسيءَ جي بدذوق علامت،
اسان جي ڪُلهن تي،
چڙهي ويهي رهي آهي،
۽ يڪجهتيءَ جي پيرن ۾،
تضادن جون پيرَ ڪڙيون ڏسي،
آسمان وات ڦاڙي،
وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي رهيو آهي.

□

## اکيون

خوابن جا ڦُڙا،
نيڻن جي ٻُڪ مان،
هارجي پيا آهن،
۽ اوجاڳي جون اکيون،
اُتي پيون آهن.

□

هڪ نظر ۾ وٺي ويو ڪوئي،
دل جو ٻڌجي ڏٺي ويو ڪوئي.

قربتن جا ڪنول ڏئي مون کي،
درد ميڙي کڻي ويو ڪوئي.

منهنجي تهذيب ۽ تمدن کي،
ڪانُ ڪُکِ ۾ هڻي ويو ڪوئي.

زندگاني خزان جي موسم آ،
عمر سان گڏ ڇڻي ويو ڪوئي.

گهوٽ ٻڌجي ڪو آيو پاڙي ۾،
۽ چني ”پدمڻي“ ويو ڪوئي.

□

# چوسٽا

درد جي ڪا لام ٿيندي ٿي وڃي،
زندگيءَ جي شام ٿيندي ٿي وڃي،
هيءَ حياتي اي خدا تو وانگيان،
ڪا انوکي مام ٿيندي ٿي وڃي.

□

مٽن ڪان مٽا مات چو ٿو ڪرين،
حقيقت ٻُڌا، مات چو ٿو ڪرين،
مُٺي مات آخر چون ٿا مٺا،
ڏيندي مات آ، مات چو ٿو ڪرين.

□

پنهنجو ميل ختم ٿي وِيو،
جيءَ جو جيل ختم ٿي وِيو،
جيون آ سو پڃري پيو،
دل جو کيل ختم ٿي وِيو.

□

انوکي روڳ ۾ آهين،
تون کهڙي سوڳ ۾ آهين،
سڏي ٿي سنڌ پئي توکي،
وهيءَ جي يوڳ ۾ آهين.

□

سالن کان هن سال به ساڳيا،
هيڏا پنهنجا حال به ساڳيا،
بُکَ، بدحالي، دهشتگردي،
مارن لئه جنجال به ساڳيا.

□

ڪَرمِ نگاهَ گُهرجي،
مون کي پناهَ گُهرجي،
دل چين جت پرائي،
سا درسگاهَ گُهرجي.

□

مون کي توسان جي پيار تي ويندو،
ساهُ سِڪَ جو شڪار تي ويندو.

محبتون جي مري ويون جيءَ ۾،
من اُجو ريگذار تي ويندو.

درسُ جنهن پيي سِکيو نفاست جو،
شخص سو باوقار تي ويندو.

خيال کي عمر جي بشارت ڏئي،
هي بدن خاڪسار تي ويندو.

ساهه پوساتبو جي يادن جو،
جيئڙو بيقرار تي ويندو.

عڪس آڪاش جا چتيندي جي،
درد جو آبشار تي ويندو.

□

## انتها پسندي

سنڌ جي فطري سونهن کي،
داغ دار ڪري،
تهذيب ۽ تمدن کي،
روڙن رستن تي ٿو گهليو وڃي،
هزارين سال پُراڻي،
تاريخ جي مُنهن تي رانپوٽا هڻي،
اُن کي رَتورت ڪري،
ڪوڙيون فتوائون ڏئي،
حق کي باطل،
۽ باطل کي حق قرار ڏئي،
اُجالن کي اونداهين ۾،
تبديل ڪيو ٿو وڃي،
مذهبي انتها پسنديءَ جي ڏُيڻ ۾ قاتل،
پنهنجي پورن ڏانهن،
هڪ نظر ڪڻي نهار پيتائي.

□

ساهن ۾ سڌڪن جا پاڇا،
سانڊياسين صدمن جا پاڇا.

سامونڊين جي ساروٽين ۾،
تڙپن ٿا ساهن جا پاڇا.

اولاد جئان مون پاليا هن،
دلڙيءَ ۾ دردن جا پاڇا.

چاهت جهڙي چانڊوڪيءَ ۾،
جرڪي پيا جيون جا پاڇا.

رتَ جي رشتن کي ول وانگر،
ويڙهي وِيا ويڇن جا پاڇا.

ساپيا پوپان ڊوڙي ڊوڙي،
سهڪي پيا سپنن جا پاڇا.

تنهنجي سِڪَ ۾ سِڪندي سرتا،
جهور ٿيا جوڀن جا پاڇا.

وقت لتاڙيندو آيو آ،
صدين جي ورثن جا پاڇا.

آڪاش اُداسين جي بن ۾،
ڀٽڪي پيا خيالن جا پاڇا.

□

دلبريءَ جي دانهنَ مان ڪنهن ڪي ڏيان،
دل اُجيءَ جي دانهنَ مان ڪنهن ڪي ڏيان.

خواهشن جو خون ڳاڙيندي رهي،
مفلسيءَ جي دانهنَ مان ڪنهن ڪي ڏيان.

زندگيءَ جا قول وِيا مُرجهائجي،
تازگيءَ جي دانهنَ مان ڪنهن ڪي ڏيان.

هر قدم تي اذيتن جو دار آ،
زندگيءَ جي دانهنَ مان ڪنهن ڪي ڏيان.

بيوسيءَ جو نانگُ ويو آهي ڪَڪي،
بيحسيءَ جي دانهنَ مان ڪنهن ڪي ڏيان.

رهنمائيءَ راهَ ۾ رولي ڇڏيو،
رهبريءَ جي دانهَن مان ڪنهن ڪي ڏيان.

□

ڳُلَ چوٽيءَ ۾ هٽي،
چيلهہ تي ڳھا ڳھر ڪٽي،
ڪوهَ تي سوچي پئي.

چاهَ مان پالي پئي،
دردَ کي هڪڙي ڄٽي،
ڪوهَ تي سوچي پئي.

زندگيءَ جي بن مٿان،
مينهنَ جي ڄڻ هو ڪٽي،
ڪوهَ تي سوچي پئي.

يار منهنجو ساهُ آ،
يار دل جو آ ڏٽي،
ڪوهَ تي سوچي پئي.

هو اچي مون کي ڏسي،
مان وٽان هُن کي ڳهٽي،
ڪوهَ تي سوچي پئي.

او پرين تنهنجي بنا،
ڪا خوشي ناهي وٽي،
ڪوهَ تي سوچي پئي.

پنهنجي مان آڪاش جي،
پيرڙن جي هان پٽي،
ڪوهَ تي سوچي پئي.

□

تنها ڪري وئين ڇو،
مون کي ڇڏي وئين ڇو.

جيئڻ جي آسَ جيءَ ڪان،
جانب ڪَسي وئين ڇو.

پيڙا جي ٿياسَ تي منَ،
مُرڪي ٽنگي وئين ڇو.

جذبن جو بي ڪفن مڙهه ،
رِڻَ ۾ لَٽي وئين ڇو.

جنهن پل هُيم ضرورت،
اُن ئي سَمي وئين ڇو.

سُڏڪن جي تپسيا ڏَئي،
آڪاش کي وئين ڇو.

□

پل جو مهمان ٿي پيو آهيان،
مان پريشان ٿي پيو آهيان.

نينهنَ جي نانگَ سان لَهي لائون،
آئون انسان ٿي پيو آهيان.

دل جي زخمن مٿان رکي مرهم،
پنهنجو درمان ٿي پيو آهيان.

ساهَ ۾ سارَ جو هيو مقتل،
ڪوئي زندان ٿي پيو آهيان.

ماڻهپي کي کُهي ويا ماڻهو،
شهر ويران ٿي پيو آهيان.

مات مون کي ڏنگي وئي آهي،
وقت جو ذيان ٿي پيو آهيان.

منهنجا آڪاش تو پُڄاڻان مان،
سارو سنسان ٿي پيو آهيان.

□

گهري ساگر ۾،
تنهنجي ياڪر ۾،
ننڊ اچي ويندي.

تنهنجن جلون جي،
هر پسمنظر ۾،
ننڊ اچي ويندي.

دردَ وهاڻي تي،
دل جي آڳر ۾،
ننڊ اچي ويندي.

نوريءَ ڄام جئان،
مون کي ڪينجهر ۾،
ننڊ اچي ويندي.

ڇَر ئي ڇَر آ پر،
ميري منڇر ۾،
ننڊ اچي ويندي.

لوچي ۽ لوڙي،
لاڙ آخر ۾،
ننڊ اچي ويندي.

تنها اي آڪاش،
مٽيءَ جي گهر ۾،
ننڊ اچي ويندي.

□

ٽُٽا جئينءَ تياڳ جا سپنا،
مري وِيا پياڳ جا سپنا.

نھوڙن نيڻ پيا منھنجا،
جُڳن کان جاڳ جا سپنا.

سَراپا سورَ ۾ سختيون،
جَھان جي جھاڳ جا سپنا.

تمنا آجپي جي آ،
ڏنا ھن ماڳ جا سپنا.

رُسيون جنءِ راڳڻيون آھن،
رُلي وِيا راڳ جا سپنا.

مُقدر جا ورھاست ۾،
مليا ويراڳ جا سپنا.

□

# ترائيل

نہ آيو چين من کي ۽ نہ ٿيو دل جو سهارو ڪو،
نہ سپنن کي ملي ساڀيا نہ جيون ماڳ ماڻيندو،
دعا جي ريگذارن ۾ پيو ڀٽڪي اُجارو ڪو،
نہ آيو چين من کي ۽ نہ ٿيو دل جو سهارو ڪو،

ٻتيلو ٻي سُڪونيءَ جو الئہ ڪاٿي اُڪاريندو،
اُداسين جي سمندر جو نہ ٿو ڏسجي ڪنارو ڪو،
نہ سپنن کي ملي ساڀيا نہ جيون ماڳ ماڻيندو،
دعا جي ريگذارن ۾ پيو ڀٽڪي اُجارو ڪو.

□

# پنجڪڙا

وقت چڙهہ درياهہ آ، اتهاس کي پائي پيو،
حُسن وارن جون ادائون، صاحبن جي صاحبي،
بادشاهيون، موت گاهون، حاڪمن جي حاڪمي،
هن فنا جي ماڳ جي ٻنواس کي پائي پيو.
وقت چڙهہ درياهہ آ، اتهاس کي پائي پيو.

□

## اداسيءَ جو مقتل
### بشير سيتائي جي وڇوڙي تي لکيل.

وٽن جون لامون،
لامن تي ويٺل پکي سوڳ ۾ آهن،
هوا وڪون نہ ٿي کڻي سگهي،
موسم جا هڙئي رنگ،
هيڊا ٿي ويا آهن،
فطرت جو منهن مونن ۾ آهي،
وقت ڇُرڻ پُرڻ ڇڏي ڏنو آهي،
تنهنجي غير موجودگيءَ،
اداسيءَ جو مقتل،
برپا ڪري ڇڏيو آهي،
تنهنجن ڪچهرين جي،
عالماڻن فلسفن جا پڙاڏا،
منهنجن ڪنن ۾ ٻُري رهيا آهن،1981
۾، مولوي عبدالغفور سيتائيءَ کان،
" ايوارڊ آف ريڪگنيشن" وٺندي،
سندس قول،
" سچ لکو ۽ اوچي ڳاٽ جيئو"
جو مانُ، تو وڏي شان سان رکيو آهي،
مُئل ڊور جهڙي بدبودار،
کوڙهه ورتل سماج،
۽ اُن جي ڪِريَ ڏيارينڊڙ،

روايتن، رسمن، رواجن،
۽ انڌن عقيدن سان تنهنجي جنگ،
ڀلي ڪٽي بنا نتيجي ختم ٿي وئي هجي،
پر آخري پَساهَ تائين،
تنهنجن اصولن ۽ آدرشن جي،
ثابت قدمي،
توکي امرتا بخشڻ جي ضامن آهي،
ادب جي ڪيتيءَ منجهه،
تنهنجي فڪري ڦلواڙيءَ جي،
سندرتا ۽ سُڳنڌ،
ڀوليءَ جي وشال آڪاش کي،
سنواري ۽ واسي ڇڏيو آهي،
توتي آخري نظر وجهندي،
توکان موڪلائيندي،
مون وانگي،
ڪوِتا نگر جي هر قلمڪار سان گڏ،
" عمر خيام" جي رُباعين جي اکين مان،
ڳوڙها ڳڙي رهيا آهن،
" سيتا" جي ڏند ڪٿا جا،
اوائلي ڪردار،
" ديوڪي" ۽ "ساڪرو" بہ روئي رهيا آهن،
۽ تنهنجي سيتا جي گهٽين جون اکيون،
توکي ڳولي رهيون آهن.

□

پريُن پيارن لاءِ،
ڌرتيءَ وارن لاءِ،
آلا نيڻ آڪاش جا.

تحريڪون متضاد ءِ،
قومي ڏارن لاءِ،
آلا نيڻ آڪاش جا.

اوتر اُتيو شام جئنءِ،
ٿيا وڻجارن لاءِ،
آلا نيڻ آڪاش جا.

ساهن ڪان پيي ويجهڙن،
پنهنجن يارن لاءِ،
آلا نيڻ آڪاش جا.

پورنماسي رات ۾،
روشن تارن لاءِ،
آلا نيڻ آڪاش جا.

آزاديءَ جي ماڳ ڏانهن،
ويندڙ چارن لاءِ،
آلا نيڻ آڪاش جا.

ساپيائن جي ديسَ ۾،
خوابَ اُجارن لاءِ،
آلا نيڻ آڪاش جا.

□

